كنديءَ كوُنر ترن



تاجل بيوس

T. Bew

پيارا ٻاٻوھ ماڻ -

محبت سان ڀيٽا لاءِ (الھامن

تاجل بيوس

24.3.92

ڪنڌيءَ ڪُونر ترن

(شاعري)

تاجل بيوس

سنگم پبليڪيشنس

پوسٽ باڪس نمبر 13071

ڪراچي - 75350

شيخ اياز جي نالي

جنهن جون وايون ۽ بيت وسڻ جا
ويس ڪري وسندا رهندا آهن، ۽
پوءِ روحن جي قـــتل ڪراڙ تي
ڪنول جا گل ٽڙي پوندا آهن.

تاجل "بيوس"

سنگم پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر 37

ڪتاب: ڪنڌيءَ ڪؤنر ترن

شاعر: تاجل بيوس

ٽائيٽل: خدا بخش ابڙو

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: عبدالقادر مرزا، ٿيبو گرافڪ

گيٽ اپ: نظام الدين انصاري

چونڊ ۽ ترتيب: ڪرم الاهي چنا

پبلشر: سنگم پبليڪيشنس

پوسٽ باڪس نمبر 13071

ڪراچي، 75350

پرنٽر: واحد آرٽ پريس ڪراچي

ڇاپو پهريون: نومبر 1991

قيمت:- 50/- روپيا

Title : KANDHI'A KAUNR'A TARAN (POETRY)

POET: TAJAL BEWAS

COMPOSED BY: ABDUL QADIR MIRZA - THEBO GRAPHIC AID KARACHI

COMPILED BY : KARAM ILLAHI CHANNA

PUBLISH BY : M/S SANGAM PUBLICATIONS
P.O. BOX NO 13071,
KARACHI 75350

PRINTED AT : WAHID ART PRESS

ٻه اکر

سنگم پبليڪيشنس جو نئون ڪتاب، مشهور عوامي شاعر، سائين تاجل بيوس جي چونڊ شاعريءَ جو مجموعو "ڪنڌيءَ ڪونر ترن" حاضر آهي. هن ڪتاب ۾ تاجل بيوس ٻه نوان سر "سر جمن" ۽ سر لاڪو" متعارف ڪرايا آهن. اميد ته سندن اها ڪوشش پسند ڪئي ويندي.

هن کان اڳ ٻه، سنگم پبليڪيشنس پاران، تاجل بيوس جي انمول شاعريءَ جا چار ڪتاب: "جڏهن پوندءِ ٻٽي"، "انبن جهليو ٻور"، " سرجيندڙ ساٿيهه جا" ۽ "سنڌ منهنجي امان" شايع ٿي چڪا آهن. جيڪي پنهنجي تخليقي معيار ۽ اعلي گيٽ اپ سبب، پڙهندڙن ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيا. اميد ته سندن هيءُ نئون ڪتاب ٻه سوپ ماڻيندو.

ساٿ سلامت.

ڪرم الاهي چنا

١٨ نومبر ١٩٩١

هيٺ جر، مٿي مڇر، ڪنڌيءَ ڪُونر ترن
ورٽي واهوندن. ڪينجهر ڪٽوري ٿئي.

(ڀٽائي)

فهرست

ڪوڙن ۾ ڳوٺڙو پيدا ڪري، مٿن ڇيٽ جون چانڊوڪيون پرٽينديون هيون. پٺاڻي ۽ اياز جي اها رم جهم سالن تائين قائم رهي ۽ مان پرڀات ويلي ان وڻڪار ۾ گل- ٻوٽيون به ڏسي وٺندو هئس، جن جو منهنجي ذات جا پوئنرا طواف ڪرڻ لڳندا هئا. هي اهو وقت هو جڏهن مان به ڪجهه ڪٿا پنهنجي ڪشتي ۾ وجهي چڪو هئس. ڪڏهن ته استاد حڪيم الهندو جتوئي منهنجي ان ڪشتي ۾ ميڙيل ڪٿا ڏسي کلڻ به لڳندو هو ۽ پوءِ ڪشتو هٿ مان ڇڏائجي ويندو هو ۽ ائين مونکي انهن ڪچن سچن موتي- داڻن تي ته برابر به افسوس ڪونه ٿيندو هو.

ان زماني ۾ اياز جي هر ادا مونکي محبوب جي ادا لڳندي هئي، سواءِ انهن ڇوڙيل شوشن جي، جن ۾ ڪي پرستار "ثاني پٺاڻي"، جو ورد وظيفو پڙهڻ لڳندا هئا. اياز تي زباني تنقيدون ته ٿينديون هيون، پر لکت ۾ نوٽيس ڏيڻ جي ڪنهن به مائيءَ جي لال ڪي جرئت ڪانه ٿيندي هئي، سواءِ ڪن مصلي تي نرڙ ٽيڪيندڙ ايڪڙ ٻيڪڙ بزرگ صحافي اديبن جي. اهي زباني تنقيدون مان ۽ استاد حڪيم الهندو (مرحوم) به اياز جي همعصر شاعرن ۽ پارڪن واتان سکر، لاڙڪاڻي، خيرپور ۽ حيدرآباد مان ٻڌي ايندا هئاسون.

استاد الهندو (جنهن وٽ سنڌي ٻوليءَ جا لفظ ۽ محاورا پاڻيءَ جي ڳوٽي وانگر ڳسندا، ترندا ۽ جنم وٺندا نظر ايندا هئا) ۽ مان گهر پهچي، اياز جي خوبين ۽ ٻڌل تنقيد جو جائزو وٺندا هئاسون، ائين جيئن ڪيڏي ڪيل ان مان ويهي پٽر ۽ ٻوها چوندجن. هن ڏس ۾ منهنجي حيثيت ڪناري تي ويهي رڇ ڇڪيندڙ ملاح واري هوندي هئي، ۽ استاد الهندو مونکي اهو غواص لڳندو هو، جنهنجون ٻئي مٺيون موتين ۽ سپن سان ڀريل هونديون هيون.

اياز جڏهن ڪراچيءَ لڏي آيو ته اسان اڃان به هڪ ٻئي کي ويجهو ٿيندا وياسين، جنهنجو خاص سبب اهو ٿو ڀانئجي، ته اياز جيڪڏهن پاتال مان موتي آڻيندڙ هو، ته مان انهن موتين جو وڻجارو هئس. شام ويلي ڪلفٽن وڃي سج جو منهوڙي ڪان سمنڊ ۾ ٽٻي وڃڻ جو منظر ڏسڻ، منهنجو ٽريل ميچيءَ جي ٻيرن تي مارو ۽ اياز جو منهنجي ميچي ڪائڻ جي اسٽائيل تي مرڪڻ، رسالن لاءِ ڦوٽو ڪيرائڻ، گدرا ۽ ڪدو خريد ڪرڻ، شاعريءَ توڙي تقريرن جون فوٽو اسٽيٽ ڪاپيون ڪيرائڻ،

رُوءِ راٽي جي نام ڪو

شيخ اياز سان منهنجي ٻانهن ٻڌڻ جي واٽ کي ڇگيڙو عرصو گذريو آهي. اهو سنڌس ڏي قرب هو، جو وائيس چانسلريءَ واري زماني ۾ رڌل هئڻ جي باوجود به ساڻس ٿيل ملاقاتن ۾ ويجهو وهاري، پنهنجن تازن ڇپيل ڪتابن جي خاص نڪتن سلڻ ۾ مونکان آر نه ڪندو هو، جنهنجو ذڪر مون سهڻيءَ جي اياز نمبر ۾ به دل کولي ڪيو آهي.

سنڌ يونيورسٽيءَ جي نوڪريءَ کانپوءِ به شيخ اياز قرب جا قدم ڀري، مون وٽ ڪارڊن روڊ تي، منهنجي سرڪاري گهر ايندو هو ۽ لاڙ- سومهڻيءَ گلشن اقبال اسهي ويندو هو. هڪ رات ته تارن ڀريل آسمان ۾ وچونءَ جي ايرڻ ڪانوڻي ڪتيءَ لهڻ تائين ويٺو رهيو هو. شاعريءَ جي قدرن تي ڳالهائيندو هو ته واهڙ وهائي ڇڏيندو هو. هڪ ڀيري سانوڻيءَ جي درياهه وانگر اياز ايڏو ته اٿلي پيو هو جو اسان- (مان ۽ شمشير) رکو ها، ها، ڪرڻ ۾ پورا هئاسون. لفظن جون هڪڙيون ويرون اڃان لهنديون ئي مس هيون، ته ٻيون ويرون ۽ لهرون ابري اينديون هيون. مون وٽ ته بنا خوشبوءِ وارا گل پيدا ٿيا هئا، جنکي اياز جي تخليق جون ڇوليون الائي ته ڪيڏانهن لوڙهي وينديون هيون. ادب جون اهڙيون ستيون ڦڪيون مونکي ته ڪيرو ڪري ڇڏينديون هيون. ڪڏهن ته هماليا جا آبشار هوندا هئا، جيڪي پٿرن کي ڏڪيندا، پهاڙي گلن جو ٻور ۽ ٻنگ تاريندا، اچي مانسرور جي پيالي ۾ داخل ٿيندا هئا. منهنجي ذهن کي شاهه جي رسالي اڳ ۾ ئي ڌوري گهڻي زرخيزي عطا ڪئي هئي، اياز جا تخليقي ريلا ۽ ڇوها به ڪايا ۾ ڪاهي پوندا هئا ۽ مان ٻن شڪتين جي اثر کان ٻرڻ لڳندو هئس.

سٺ واري ڏهاڪي ۾ ته اياز جي شاعريءَ مونکي موهي ورتو هو، خاص ڪري روانتي ڪردارن ۽ علامتن واري شاعريءَ، جيڪا "ڀونئر ڀري آڪاس"، ۽ "ڪلهي پاتم ڪينرو"، ۾ ڇپي هئي ۽ ڪجهه ڪتابي سلسلن ۾. ڪي تخليقون خاص ڪري بيت ۽ وايون ته ذهن جي ڇانگيل

لکٿين جو مون وٽ ڪهڙو ۽ ڪيترو ملهه آهي! اياز مونکان هڪ ٽهي سينئر آهي، ان ڪري اياز منهنجي اتساهه جو وسيلو به رهيو آهي.

پيار محبت جا قصا ڇيڙيندي، مان جذبات ۾ لڙهي وڃڻ وارو ماڻهو آهيان. ماڻهوءَ سان جنون جي حدتائين پيار ڪرڻ واريءَ روش ڪري، جذبات جي نندي وڏي ريلي ۾ مان ڪکن ڪانن جيان توانيءَ تي ويندو آهيان. مان پنهنجي اهڙي مزاحمت جوڳي سڀاءَ ڪري سينئر قلمڪارن کي استاد به سڏيندو آهيان، جنهن ۾ شيخ اياز به شامل آهي. ان ۾ مونکي ڪنهن به قسم جي هٻڪ نه ٿيندي آهي، پر غلطيون استادن کان به ٿينديون آهن. اهو سوار ناهي، جيڪو ڪهوڙي تان ڪريو نه هجي، اهو توپچي ناهي، جنهن جو نشانو خطا نه ٿيو هجي. ڪنهر جي آوي‍ءَ مان ڪورن سان ڪڏ ڪي ڀيلا ٿانو به نڪرندا آهن. اهو ادب جيڪو تنقيد کان آزاد آهي، وانجهو آهي، سو ادب ناهي. ٿي سگهي ٿو ته اهو ادب ڌرتيءَ تي رهندڙ ماڻهن لاءِ نه، پر آسماني فرشتن لاءِ ڪو تخليق ڪندو هجي. ادب هوندو ئي ڇنڊ- ڇاڻ لاءِ آهي. ڪمان جي تير کي چاڪوءَ سان ئي سهڻي شڪل ڏني سگهبي آهي. ٺپڻي ڪنهر جي ٿانو کي معنابخشيندي آهي. دنيا جو ڪو به ڪوي فن جي بلندين تي پهچي نه سگهيو آهي، جيستائين کيس سڄاڻ نقاد نه مليو آهي. شاهه کي ڪربخشاڻي ۽ سورلي جهڙا نقاد مليا، جنهن تي اڄ به سنڌي قوم کي فخر آهي. سري جي اديب (جتي هو نيپاج وٺي، ڪڙيءَ رسي ٿو) لاءِ ضروري ناهي ته هو لاڙيچي ٻوليءَ جو به ايڏو ئي ڄاڻو هجي، جيڏو هو سري جي ٻوليءَ جو ڄاڻو ۽ پارکو آهي. جس آهي ڀارتي سنڌي اديبن کي جيڪي تنقيد جي مهاڀاري حملن کانپوءِ به کلڻ ۽ مرڪڻ سکيا آهن. نارايڻ شيام، گوبند مالهي ۽ ايه ڪمل تي ٿيل تنقيدون پڙهي، مان دنگ رهجي ويس. سڀ ايڏي جو ڪنهن به موڙ تي ڪڏجڻ کانپوءِ ساڳو ڪير ۽ ڪنڊ. بمبئي جي هڪ نجي ڪڏجاڻيءَ دوران ڀارت جي ڪن اديبن هڪ ٻئي تي اهڙا ته ڇوهه ڇنڊيا، جو مون سمجهو ٿي ته اجهو وڙهيا. ڪن ته ڇيٽا به ڀوريا هوندا ۽ "ڀر ڀر ڇيٽا جنگ مچاءِ" وارو وظيفو به پڙهيو هوندو، پر پوءِ به ڪنهن ٻڙڪ نه ٻاڦي هئي. صحتمند تنقيد ادب کي قلعي ٿيل برتن وانگي جرڪائيتي.

ريگل ۾ ايلفيءَ تان ڪتاب خريدڻ، ميون شاه عنات جي ڳوٺاڻي يوسف شاهين سان ملڻ، گرو گرداس واڌ واڻيءَ جي سار سنڀال لهڻ، مائي حوريءَ جي دانيال بوڪ اسٽال تان من پسند لٽريچر وٺڻ ۾ اياز سان ٻانهن- ٻيلي ٿي ساٿ ڏيڻ، مون لاءِ اتساهڻ جو وسيلو رهيا آهن. شاه ۽ اياز بيئل پاٿيءَ ۾ هلڪڙا پٽڙ اڇلائي لهرون به پيدا ڪيون آهن، جيڪي منهنجي ذهن ۾ شعور کي ڇهنديون رهيون آهن.

ڪلفٽن ويندي يا ڪنهن ادبي ڪوچ ۾، ڪڏهن ڪڏهن سنڌيءَ جي سڄاڻ شاعره عطيه دائود به اسانجو ساٿ ڏيندي هئي، جنهنکي "ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون" ۾ اياز ڀيڻ برابر سڏيو آهي، ۽ مان ڪيس ڀاڄائي چوان ٿو. اياز فون ڪندو هو ته مان ٺڪ وجي پرنس ڪمپليڪس جي چوڪ- ماڙ تي ڪندو هنس، ايئن جيئن ديو- مالائي قصن ڪهاڻين ۾ وار کي تونءُ ڏيڻ سان شهزادي گلفام وٽ ديو اچي حاضر ٿيندو هو. ۱۹۸۹ع ۾ شايع ٿيل منهنجي شاعريءَ جي ڪتاب "سنڌ منهنجي امان" جو مهاڳ شيخ اياز لکيو هو، جڏهن سندس پٽ ڊاڪٽر سليم ويانا کان موٽيو هو ۽ شيخ اياز ڪراچيءَ اچي رهيو هو. هن قسم جي دلرباڻي اياز ڀاران مون لاءِ هڪ سوکڙي آ، جيڪا مون لاءِ حاجين سڳورن جي کجور ۽ آب زم زم کان وڌيڪ مقدس آهي.

ڪي اديب، شاعر ۽ فنڪار منهنجا ۽ شيخ اياز جا مشترڪ دوست آهن، جيڪي اياز جا پرستار ۽ منهنجا يار آهن، جن سان ڪڏهن آفيس ۾، ڪڏهن گهر ۾ ته ڪڏهن واٽ ويندي بحث مباحثا پيا ٿيندا آهن. ڪڏهن ڪي دوست اياز ۽ اياز جي لکڻين تي ڇاڻي واڻي بحث ڇيڙي، مونکي نار ۾ جوٽي، ٽهڪڙ ڪڍي ڇڏيندا آهن. بس، پوءِ ته نار بنا ٽهڪڙ جي ڦرندو رهندو آهي.

نار جي چڪرن ۽ ڍينگي جي رينگڻ ڊڏن جا مون وارا ڪي دوست خاص شوق رکي مون وٽ ايندا آهن، جيڪي ٻڌل سنها ٿلها آواز وجي اياز سان سلڻدا آهن. مون واري ڳالهه ٻولهه هوندي به فني نوعيت جي آهي ۽ پوءِ به اياز جي چهري تي ڪجهه ڪنهج نهي پوندا آهن. ڪي ته اسانجا بزرگ اديب ثابتين هٿ ڪرڻ لاءِ ڪمپازيٽرن وٽ به پهچي ويندا آهن، پر ڪين نانگ ته ڇا، نانگ جو پٽو به نظر ڪين ايندو آهي.

هنن بزرگن ۽ يارڙن کي ڪيئن سمجهايان ته اياز جو احترام ۽ اياز جي

آزاد نظم



هن ڪتاب ۾ جيڪي به آزاد نظمون آيل آهن، سي مون اياز جي قريب رهڻ واري عرصي دوران لکيون آهن. ڪجھ نظمون ته مون اياز کي پڙهي به ٻڌايون هيون، جنهن لاءِ اياز مونکي سهڻا ۽ سلوڻا مشورا به ڏنا هئا. هڪ ڀيري مون ڪيس ٻڌايو ته ڦلاٽيون ڏهه نظمون گذريل رات لکيون هيم، ته اياز ڏاڍو خوش ٿيو هو، جنهن تي ٻڌايو هنائين ته فيض احمد فيض هڪ رات ۾ هڪ نظم مس لکي سگهندو هو. اياز پنهنجو تجربو ٻڌايو ته هو به ڊائريءَ جا صفحا ڀري ڇڏيندو آهي، جيڪي ڪيس صبوح جو سنوارڻا پوندا آهن.

جيئن ته منهنجي هن ڪتاب ”ڪنڌيءَ ڪوڙنر ترن“ ۾ وڏو حصو آزاد نظمن جو آهي، جيڪي گهڻو ڪري آزاديءَ ۽ انقلاب تي لکيل آهن، جن مان ڪيترين نظمون ڀارت وڃڻ کان اڳ مون اياز کي پڙهي به ٻڌايون هيون ۽ اياز جي سنگت ۾ رهڻ دوران ئي مون لکيون هيون، ان ڪري مان هن پنهنجي ڪتاب ”ڪنڌيءَ ڪوڙنر ترن“ کي شيخ اياز جي نانءَ ڪيو ٿو ڪيان. اهو وڪر جيڪو منهنجي سرير مان اياز جي ويجهي رهڻ ڪري سرجيو آهي، سو اياز کي ئي ارپڻ جي آس رکان ٿو. مونکي اياز لاءِ ايتري ئي عزت آهي، جيتري لطيف کي ميون شاهه عنات لاءِ ۽ ميون شاهه عنات کي اساسي (ڪلاسيڪي) شاعريءَ جي باني قاضي قادن لاءِ هوندي.

تاجل بيوس

19 آگسٽ 1991ع

3-A، پايونيئر هومز
لڳ معمار ڪمپليڪس
سپر هاءِ وي، ڪراچي- سنڌ
فون: 711898 (آفيس) 674114 (گهر)

ماءُ جو وجود

جنهن ڏنو مونکي جنم

۽

مونکي بخشي آ حيات

چنڊ تارن کان حسين

کير کان اجرو بدن

جنهنجي ڇهري مان جنم پيو روز ٿو سورج وٺي

روشنيءَ جي ڪائنات

مامتا جو ڪيت

آشتيءَ ۽ امن جو اٿاهه ساگر

کير- ڌارا

ٿڃ جي چشمن ۾ سنڌوءَ جي اڇل

آبشارن جي دنيا

ماءُ جو شفاف ۽ اجرو وجود

ماءُ جو شفاف ۽ اجرو وجود.

اگھاڙو لاش

تون بيبيءَ حوا-
حضرت آدم جي ڌيءَ نہ آن
جا بيبيءَ حوا-
حضرت آدم جي ڌيءَ آهي-
سا ڊفينس جي سينگاريل بنگلي ۾-
ننڍ پئي آ
پئرس، لنڊن ۾ رهندڙ
ڪنهن شوهر جا ٿي خواب لهي.

تون هن ڌرتيءَ جي ڪيڙيندڙ جي ڌيءُ آهين
او، الف اگھاڙي!
ڇا تيءَ وڍيل
ڪنڌ پڳل
ڌرتيءَ - جائي!!
ڏس، ڪيئن مان توکي دفنايان؟
مان ڪيئن اکين کي ڌيءُ جي اوگھڙ ڏيکاريان!
مان ڇو نہ اکيون ٻئي ڪيرايان-
پوءِ مقدس تنهنجو لاش وچي ڪٽ دفنايان
ايئن، مقدس تنهنجو لاش وچي مان دفنايان.

روشني

جڏهن جهرڪيون گهرڙا جوڙينديون
بندوقن جي ڪنداقن ۾
هن توپ وڏيءَ جي ناليءَ ۾
۽ زندانن جي برجن تي
جڏهن ماٺهو منيءَ ڪي چمندا
ڌرتيءَ ڪي جيجل ماءُ چئي
پاڻيءِ جو آڌر ڀاءُ ڪندا
سچ ڪي چوندا :
تون ڏيهن جو ڏاتار آهين
تون سونهن-
تون سرجڻهار آهين
تڏهن آزادي ماڻينداسون
تڏهن آڙادي ماڻينداسون.

اياز ڦانهن

جهوني ٻڙ جي جوڙ جو آهيان
پوءِ ٻه مان پيو لڪندو رهندس
آءٌ مسافر ! ٿڪجو نا هيان.

ولهارن تي وسندو رهندس
ٿر جا چارا چمندو رهندس
آءٌ مسافر ! ٿڪجو ناهيان
ٿر جا بادل ٿڪبا ناهن
وري، وري پيا وسندا آهن.

هو ڏس ! ٻڙ جو وڻ پراڻو
هر ايندڙ کي ڇانو ڏنيئو
هر ويندڙ جي واٽ تڪي ٿو،
ڪجھ نہ ورتئو
ڏات پراڻي ٿيئي ناهي
ڏات کي مات نہ ملئي آهي.

سج اڀريو آ

سج اڀريو آ
ڪرڻن پنهنجو نور نپوڙي
ساري ڌرتيءَ تي اوتيو آ
هو ڏس!
مالهڻ
انب جون ٻوڪيل ٽاريون هٿائي
سيرون ڏيئي
گل آڇي ٿي
ڪٽڇي نسريل ڪانهن تي منڙي لات لنوين ٿي
سر تي اجرا هنج لهن ٿا
نيلوفر جا گل ٽڙن ٿا
مالهڻ بيٺي گل آڇي ٿي.

ڪرم لڪا (۱) جي آدرشي محبوبا بيٺي
مونکي تازا گل آڇي ٿي
مونکي تازا گل آڇي ٿي...

(۱) زيڪو سلوويڪيا جو مشهور چترڪار، جنهن جي چترڪاريءَ جا خاص عنوان عورت ۽ عورت جا جمالياتي روپ هئا.

شڪست جو احساس

اونداهين ۾ گيت اسانجا
چرڪيا ڪانڊي ٽانڊي وانگر
هيل تني ۾ جوت نہ جوالا
ڏڪ ڏين ٿا ڏانڊي وانگر
شايد جذبا سمهي پيا هن
ذات اسانجي ٽڪجي پئي آ
تند تٽي پئي
سٽن ڪٽي وئي
هاٿي ڪوبہ نہ چارڻ ايندو
هاٿي ڪو بہ نہ پارڻ پرندو
گونگا شاعر
گونگي ڪوتا
گيت مري ويا
ذات اڌوري
جڻ اڻ - پوري
هيل تني ۾ جوت نہ جوالا.

نئون جنم

انقلاب ، انقلاب

ديس منهنجي تي بسنتي روپ ۾

جڏهن آيو

ٻنجي آيو آفتاب .

انقلاب

زندگي مرڪي پئي

پرهه جو رابيل تي شبنم وٺي

سچ جا ڪرڻا ڦٽا

رات جا ڪانڊي ڪٺا

انقلاب ، انقلاب .

آزادي

چڻ هير آ
جا باغ مان خوشبوء ٿي ڪٽندي اچي
مومل آهي
جا سونهن ٿي گهر گهر ورهائيندي وتي
چڻ رت بسنتي
گلن جي ٽارين مٿان
ٿي رنگ هاريندي اچي
ڪا ڪونج آ
جا سر مٿان ٿي ولر ڪونجن جا قطاريندي اچي
ڪا ماءُ آ
جا امن جي زخمي اکين تان
خون ٿي اگهندي اچي
هر ٻڪايل ٻار کي ٿي ٿڃ پياريندي اچي
ننڊ مان اٿاريندي اچي
ننڊ مان اٿاريندي اچي.

تخليق

جو ڪالهه ڏهاڙو گذري ويو

۽ جو به سياڻو اڄڻو آ

مان ڪالهه

اڄ

۽ مستقبل جو عرق نچوڙي

اندر اوتي

ڪلڪون ٻوڙي

لکندو آهيان،

گيت، سنگيت کي ڏيندو آهيان.

منهنجي ٻولي

جي مون جوڙيا رت کان ريٽا
ٿي پيا ڇڻ بندوق جي گولي
جن گيتن ۾ گلڙا پوکيم
سي ٻڌجيَ پيا منهنجي ٻولي
ها ، ها ، ها ، ها
منهنجي ٻولي
ڳاڙهن پيرن جهڙي ٻولي
ماکيء - لارون
ڦارون ، ڦارون
ٿر جون پسيون
ٿر جا پلڙا
ساوڻ رت ۾
ماکيء لارون
ڦارون ، ڦارون
منهنجي ٻولي.

آزادي، او آزادي!

آزادي ! ڏس ، او آزادي!!
ڇا تون منهنجي ڳالهه مڃيندينءَ ،
جي مان تو تان گهوريان جندڙي
پوءِ ڀلا تون منهنجي ٿيندينءَ ؟
ڏاڍو ڏور هلي وئي آهين
هونءَ تہ تون هر پل ۾ ويڙهي ساٿ نڀائين
گيتن مان پڻي پاڻ پسائين
آزادي!
او، شاهہ بلال جي رت جي وارث!!
زندانن جي رهواسڻ
آزادي!
او آزادي!!
ڏاڍو ڏور هلي وئي آهين
ڏاڍو ڏور هلي وئي آهين!!!

ٽر اماڻي
ٽر- واسين کي غربت ۽ افلاس جي گهاٽي ۾ پيڙاٽي
ساهه پٽيندو
ساڳي بک ۽ ساڳا ماٺهو
ساڳا ننگ ۽ ساڳيون نياڻيون
ڪاش! بکايل
ڏيل - ڏکايل
پنهنجن پيرن
ٻانهن
ذهنن جي ڪارج سان
ٽر کي ٺاهن
ڏيئو اڏائن
گهر سينگارين
ڪيرو، استنبول، منيلا
پئرس، پيڪنگ
برلن ۽ ٻئنڪاڪ کان سهڻا شهر اڏائن
برلن ۽ ٻئنڪاڪ کان سهڻا شهر اڏائن.

ٿر-ڏئم

آءُ مجانٺو ٿر تي ڏاڍو مينهن وٺو آ
کهنبي - رتڙا
ڳاڙها ، پيلا گل نڪرندا
نيريون ، اڇڙيون
اڪ جون ڦلڙيون
ٿر جي سونهن کي چمڪائينديون
ڏٺ ۽ پاٺي ، ارزان ٿيندو
ماڻهو جن سان پيٽ ڀريندا
ڳج ڳلايي
روءِ رابيلي
سونهن ٿريلي
ٿر جي ڇهري تي اندلٺ جا رنگ ڀريندي
پر ، سپاٽي
وري بدي ۾ سانوڻ رت ۾
اپ ڏي ماڻهن جا هٿ ڪڄندا
وري خدا کنهن ڏور خلا ۾
ڪنوٽيون ، بادل قيدي رکندو
کهت کي ورديون ، بوٽ ڀاراني

ڪتي جي موت مري ويندين

چو ماٺهن کي مارائين ٿو؟
لوڏائين ٿو؟؟
او پيار، محبت جا قاتل !
او نفرتن جا رکوالا !!
اوگندي ناليءَ جا ڪيڙا !!!
تون آمر آن
تون ڏونگر جيئن ڏري ويندين
ڪتي جي موت مري ويندين.
تون علم، ادب ۽ ڏاهپ کي
پيرن ۾ روز لتاڙين ٿو
تون پوئين سچ جو پاڇو آن
تون ڄاڻ مئين
تون ڄاڻ مئين
مان تنهنجن ڪوڙن احڪامن کي ڪين مڃيندس
ڪين مڃيندس
ڪين مڃيندس
مان ماڻهوءَ جي وٽ ڳولهيانٿو
جا ڪالهه ملي هني ورٿي ۾
جا ورٿو آ
جا وٽ آهي
جا سچ جي چادر ويڙهي مون وٽ اچٽي آ.
۽ مور نہ واپس ورٽي آ
جا سچ ۽ سونهن جو ساگر آ
جا گونجي ٿي گهڙيالن ۾
جا ڦاسي - گهاٽ پڄائيٽي
جا برجن تان ڪيرائيٽي
جا گهاٽي ۾ پيڙائيٽي

هن صديءَ جو نادان

تنهنجا هٿ ٽانگ - ڦڻ ٻڌجي
ڏنگيندا رهيا
تون ڪنن هوندي بہ
ٻاڙ ڪي ٻوڙو ڪيو
جيئن تون ڪا بہ انساني پڪار نہ ٻڌي سگهين
تنهنجن اکين ۾ پرمار اکيرا ٿاهي
شام جو واهيرا ڪندا هئا
۽ صبوح جو شڪار تي نڪري ويندا هئا
تو انسانن ڪي ڦاهيءَ چاڙهي
سندن لاشن ڏانهن بگهڙ جي اکين سان ڏسندو رهين
تو پنهنجيءَ ٻنيءَ ۾ جهنگلي ڪتن جا
ڪٽاڪ لڳرايا
جيئن تون مزي سان شڪار ڳڙڪائي سگهين
تو سمجهيو ٿي:
تون اسانجي سمجهہ کان مٿيرو هئين
جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ تون
هن صديءِ جو وڏو نادان آهين

تو ماٿيلي [1] کان مواچ [2] تائين
ڌرتيءِ کي بلال جو گهاٽو ٻٽايو
تو سچ کي برجن تان ڪيرائي
ختم ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي
۽ هاڻي تون برجن کان بہ مٿاهين بلنديءَ
تان ڦهڪو ڪري اڇي پٽ تي ڪريو آهين
اي ننڍڙي قد وارا انسان !
نادان !!
هاڻي تون سچ جي پيرن کي بہ نہ ڇهي سگهندين
سچ جي پيرن کي بہ نہ ڇهي سگهندين.

---

(۱)مير پور ماٿيلو(۲) ڪراچيءِ جي هڪ بستي.

من کو هکڙو گيت جڙي پئي

جنهن وقت پکي ڪي پڃرن مان
آزاد ٿي سر تي اڏرن ٿا
مان آزاديءَ کي ڳولهيان ٿو
مان آزاديءَ ليءِ - تڙپان ٿو.
مان وحشي ٻڄي
راڳي واري راڙ ڪري
ٿو پنهنجن گيتن ۽ واين تي وارڪيان
تيليون ٻاري
ورق جلائي
پنهنجن گيتن، واين سان ٿو ويڙهه ڪيان
منهنجا گيت ٻه مون جهڙا
ٿڪا ڪانا
چو پيل هڏا
پوءِ ٻه وينو روز لڪان ٿو
من کو هکڙو گيت جڙي پني
سورج جهڙو
گيت جڙي پني
کير کان اجرو
چنڊ کڙي پني
پنڇي اڏرن
سر تان گذرن
آءُ ٻه پنهنجا گيت اڏاريان
آءُ ٻه گيتن سان گذاريان.

۽ جابر آڏو سرمستن کان سچ جا ٻول چوائيتي
زندانن کي ڌهرائيتي
بندوقن کي ٻگهرائيتي
جا سچ جي چادر ويڙهي مون وٽ اچئي آ
ان آزاديءَ کي ڳولهيانئو
ان آزاديءَ کي ڳولهيانئو
جا گهري ننڊ ڪرائيتي
جا ٻڄي هير ڏکڻ واري
خوشبوءِ سان من مهڪائيتي

ان آزاديءَ کي ڳولهيانئو
ان آزاديءَ کي ڳولهيانئو

تون منهنجو رستو روڪ ڀلي
پر، روڪي مور نہ سگهنئو آن
ڪنهن وهندڙ نديءَ- ڪناري تي
ڪتي جي موت مري ويندين
تون پوئين سچ جو پاڇو آن
مان ڏنئرن وارو ڏار آهيان
تون پن- ڇڻ جو پڙلاءُ آهين
مان موتئي جي مهڪار آهيان
مان توکان مور نہ مرٿو هان
تون منهنجو ڪنڌ ڪپيندين ٻي
مان پوءِ بہ جنرو رهٿو هان
مان توکان مور نہ مرٿو هان
مان تنهنجن ڪوڙن احڪامن کي ڪين مڃيندس
ڪين مڃيندس
ڪين مڃيندس

لاٽا، لوٽ ۽ ليار جنم وٺن
ترڪي ڪاپار ۾ جنبور وجهي
چڪ ڏئي
ڪاري ڪان ڪير تر تائين ڦهلايو پيو وڃي
هو ڏس !
ماٿهن جون قطارون
هوشو، رٿمل، ڄاء ڪنگهار
ٽپو ڏئي
پاڻ اريي
تنهنجو گهاءُ پيا پرين.
سياٽي تو ۾ ڪن پوندا
تنهنجن ڪيتن ۾ تيلا جهومندا
ناڪا پڳهہ ڇوڙي
سانداراً [1] ڏيئي
پار اڪرندا.

(١) ٻيڙيء جي سڙهہ ۾ هوا ڦاسائڻ سان داٻ پيدا ڪري، درياءَ جي سير اڪرڻ-

سنڌوءَ جو ڳهاءُ

اتر کان ڏکڻ ڏانهن ويندڙ سنڌو
ڪاڇي ۽ ڪيٽي بندر کي چمندڙ سنڌو !!
شال وهندي رهين !
جئندي رهين
پينگهي جي ڏور
ماءُ جي هنج
مامتا جي مرڪ
کير جي ڌارا
سنڌو !
تون ئي تہ آهين آزاديءَ جو صبح
ڏين واري شام
زندگيءَ جي سونهن
ان - داتا
سنڌو - ماتا !
چوندا :
توکي پنڃهل [1] ۽ پنياڻيءَ [2] جيان "واريءَ جو هيٺ" بڻايو پيو وڃي
جيئن تنهنجي سڪل پيٽ ۾

(۱) ۽ (۲) سنڌ جا ڦٽل درياءَ

گونگا ماڻھو

پتا جڻ تہ اکن جون ڪائيون
پورا جڻ تہ نڙن جا ڪانا
گندا جڻ تہ گٽر جو پاڻي
پرندڙ جڻ واريءَ جا چاٺا
ڇٽندڙ جڻ ٻٻرن جا پلڙا
ڦسندڙ جڻ پاڻيءَ جا ڦوٽا
ڪي ڪي ماڻھو
بار مٽيءَ تي
ڏينھن جي پوين پاڇن جھڙا
رات جي ڪاريءَ چادر جھڙا
ڪوڙا ٽوھ، ڪسارا ماڻھو
ڪاٺ جون پتليون
پٿر جھڙا
گونگا ماڻھو
اکين ھوندي، انڌا ماڻھو
ٻوڙا ماڻھو
انڌا ماڻھو
پٿر جھڙا
گونگا ماڻھو.

هيءَ سنڌ سلامت رهندي آ

هيءَ سنڌ اوهان پل ساڙيو پيا
ميندي‌ءَ جا بوٽا لتاڙيو پيا
هيءَ سنڌ اوهان پل ساڙيو پيا
جا سچ آهي
جا مچ آهي
پلي مچ تي بم پيا برسايو
پلي سچ سوري‌ءَ تي لٽڪايو
سنڌ سچ آهي
سچ سنڌ آهي
اهو سچ ڪڏهن به نه سڙندو آ.

....

پلي اڇلايو پيا برجن تان
پلي پيڙايو پيا گهاڻن ۾
ڏيو ڦاهيون ڦاسي - گهاٽن ۾
يا جيئرا ماڻهو پوريو
ارغونن جيان
ترخانن جيان
يا ڪالهوڪن مهمانن جيان
پلي جڪڙيو جسم زنجيرن ۾
هيءَ سنڌ نه ڪنهن کان مرندي آ
هيءَ سنڌ سلامت رهندي آ.

چئوس:
منهنجي ماءُ ، منهنجي ماءُ آ
پنهنجي ماتا کي ڪٽان ڳولهي لهي
وات ڊوئي-
پوءِ منهنجيءَ ماءُ جو نالو ڪٽي
چئوس:
هيءَ ميرن ۽ مخدومن، پاڳارن
سنڌ جي پيرن، وڏيرن جي ٻه جيجل ماءُ آ
سنڌ جي ڄامن، چاموٽن جي ٻه اورڻ ماءُ آ
جي ٻڪهيري پير آهن پيا سمهي
ماءُ جنجي
تڇ جي رشتن کي ورجائي پئي.
ماءُ، جا
ڪنهن دزر ۾
محتاج ۽ ڪمزور ٿيندي ڪين آ
سنڌ
منهنجي ماءُ
پنهنجي خون ۾ وهنجي
۽
سورنهن ني ڪري سينگار
پنهنجي سينڌ چمڪائي پئي
سورج کي شرمائي پني
گل، گل کي مهڪائي پئي.

اکنڊ سنڌ

سنڌ جي ڌرتي
۽ ماڻهو سنڌ جا
انسان جي تاريخ جيڏا پُڻي قديم
وقت جي ڪنهن وهڪري ۾
ڪو مٽائي ڪين سگهيو
سنڌ جو نقشو، ثقافت، قوم، ٻولي سنڌ جي
ڪيئي آيا
عرب، ترخاني، فرنگي
سنڌ جي ڇاتي اڏيڙڻ
ماس ڪورڻ
خون چوسڻ.

وقت جي صحرا ۾ پٽڪيل قافلا
ويا پلي
منزل ڏي ويندڙ واٽ ڪي
واءُ جو جهوٽو آيو
لٽجي ويا
صحرا ۾ پيرن جا نشان
نانو جن جا ارتقا جي محتسب
تاريخ مان ڪاٽي ڇڏيا.
ڪير آ، جو سنڌ - ماتا کي پيو زخمي ڪري؟
ڪير آ، جو ماءُ جي ٽُج جون پيو گرڙيون ڪري؟؟

اعلان

مون رات ٻہ هڪ هو خواب ڏٺو
ڪلهہ يٺ - ڏٺيءَ
چي گويرا، لورڪا سان گڏجي
زندان جا برج، پٽيون ڪيري
ٻ در پيچي
ها ٽوڙهي ڦاٽڪ (١) جا قيدي آزاد ڪيا
اڄ مان ٻيي شاعر ڌرتيءَ جو
تخليق جي مسند تي ويهي
ٿو حڪم ڪيان
اعلان ڪيان
سڀ ٽوڙهي ڦاٽڪ جا قيدي
آزاد ڪيو
هن ڌرتيءَ سان انصاف ڪيو
ڇو ڪچڙا گل ڪومايو ٿا؟
ڇو گرم لهوءَ کي ٺاريو ٿا؟؟
آزاد ڪيو
آزاد ڪيو
سڀ ٽوڙهي ڦاٽڪ جا قيدي
آزاد ڪيو.

---

(١) ١٧ آڪٽوبر، ١٩٨٤ء جي سانحي تي لکيل.

ماءُ

چي گويرا، لوركا
دادوءَ جي دودن جي ماءُ
چانڊڪا کان چين تائين
مامتا جو کير
آشتيءَ ۽ امن جو اٿاهه ساگر
قوم جو اعلان
سچ جو آواز-
نصرت جو پيام
بي مثل ۽ بي نظير
وولگاجي لهر ۽ سنڌوءَ جي موج
خون سان لکيل جمهوريت جو مقدس باب-
منهنجي ماءُ
تنهنجي ماءُ
پنهنجي زخمن کي لڪائي
زخمي هٿن سان ٻچڙن جا زخم چيني پئي
اياز، ناصر، شهنواز
اسد ۽ نذير کي ڳولهي پئي
تڙپي پئي
روئي ۽ ريجهائي پئي
زندان کي لوڏي پئي
ٽوڙهي ڦاٽڪ جي اسيرن جا ڪلف ڪولي پئي
ٽٽل پٿرن کي سميٽي
قوم جي ديوار کي-
نئين سر وري جوڙي پئي
نئين سر وري جوڙي پئي.

ڀڳل قيدي

هو ڀھاڙيءَ تي اڪيلو ڪير آ ؟
ڀٽ ڀڏل
چھرو لڪل
ٻني اکيون
ٽا ٻاٽ ۾ ٽاندا ڏڳن
شعلا ٻرن
ھٿ ڪلاشنڪوف تي
چيلھ ۾ ڪنڊلا، پٽا
هو ڪير آ ؟
ڪير آ هو اجنبي ؟؟
ڪير آ، جو غار جي منھن تي پٽائيءَ جو رسالو ٿو پڙھي
وٺڪار جي چرپر کي واجھائي پيو
پانھنجن ساٿين
گوريلن
ديسواسين ليءِ ابھرو
ڪير آ هو اجنبي ؟
....
هو نہ آهي اجنبي، غدار، ماري، چور، ڌاڪو
يا ڀڳل ڏاڙيل ڪو
هو آهي، ويھين صديءِ جي سنڌ جو لاکو ڦلاڻي
دور بينيءَ سان ڏسو-
ويھين صديءَ جي چور، ڌاڪو، اجنبي
غدار، گوريلي
ڀڳل ڏاڙيل کي.

ٻيو قدم

اي همو طنو!
جمهور جي مسند
آزاديءَ جا ڳولهائو!!
هڪ قدم کڻو
هڪ وار ڪيو
جمهور جي دشمن
ظلم، ستم جي آقا تي
هڪ وار ڪيو
ڀرپور ڪيو
هڪ قدم کان اڳيان منزل آ
جمهور جي خون ۾ رڱيل پنهنجي مسند آ
جا مسند پڻ واجهائيندي
۽ انسانيت جي رت - ڀني، پڻ خوشبوءِ روز اڏائيندي
پڻ خوشبوءِ روز اڏائيندي.

بس، هن پهاڙيءَ کان پريان
جو ڏيهه آ
سائي اسانجي سونهن آ
ساٿيهه آ
جت، امن جو وهنوار آ
جت، مامتا ۽ پيار آ
جت، مائرن جو راڄ آ
خوشبوءِ جو ڪاروبار آ
هر جيو جت آزاد آ
پڃرو نڪي صياد آ
چوٽو پکي چڱندا وتن
لامن مٿان لڏندا وتن
ٿا ٿڃ جا دريا وهن
جت مائرون ٿيون راڄ ڪن
سوئي اسانجو ڏيهه آ
سائي اسانجي سونهن آ
ساٿيهه آ.

جت، مائرن جو راڄ آ

هلندا هلو

وڌندا هلو

بندوق جي گفتار سان

گوليءَ جي رفتار سان

اکيون اماڙيون تي ٻرن

وچون ڪرن

ڪڙڪاٽ ڪن

ڌرتيون ڏٻن

چيون ڪرن

راڳا رڙن

وکون کڄن

ويرون چڙهن

هلندا هلو

وڌندا هلو

....

(٢)

آءُ ميجانئو

موت اٽل آ

مٺي پڄاڻا

ماڻهوءَ جو مڙهه

ڊوند مٿل آ

جنهن کي ڪانڌي، مٽيءَ منجهه لڪائن ٿا

۽ بد بوءِ کي دفنائن ٿا

پوءِ بہ ماڻهو

ڪو ڪو ماڻهو

مٺي پڄاڻا

لافاني آ

لاثاني آ

جڏهن مريئو

ديپ وساڻل ٻري پوئيئو

سورج ٻڌجي اڀري پوئيئو

تاريءَ، تاريءَ گل ٽڙيئو

ڏاڙهون وانگي ڦڄي پوئيئو.

ٻہ موت

(١)

آءُ ميجانئو
موت اٽل آ
مني پچاٽا
ماڻھوءَ جو مڙھ
ڍونڍ مٽل آ
جنھن کي ڪانڌي، مٽيءَ منجھ لڪائن ٿا
۽ بدبوءَ کي دفنائن ٿا
پر ڪو ماڻھو
جڏھن مريٿو
واءُ جي ھلڪي جھوٽي تي ڄڻ ڏيو وسيٿو
اولھ ۾ ڄڻ سج ٻڏيٿو
گل ڪونڌيءَ ۾ ڇٽي پويٿو
ڏاڙھون ھٽن مان ڪري پويٿو
ڦسي پويٿو.
داٿو، داٿو وڪري وڃيٿو
داٿو، داٿو وڪري وڃيٿو.

مان ڏرتي هان
هي ڪنهن خنزير جو گوشت نہ آ
ڪنهن گڏهہ، ڪتي جو ڍونڍ نہ آ
هي ماس آ ڀنڪيل آمر جو
جو سڪندر، نيرو، چنگيزي
ارغون ڪان ويو هو گوءِ ڪٽي

مان ڌرتي هان
مان ماتا هان
مان جيجل هان
مان ان ڪي ڪير نہ بخشيندي س
چاتيءَ سان مور نہ لائيندي س
هي لاش نہ مون ۾ دفنايو
ارغونن ۽ چنگيزن جي لاشن ڪي نہ مون ۾ پورايو
هي ڪارو ماس، هڏا ميڙي
ڪنهن چنڊ، مريخ تي اڇلايو
يا ڏور بني نوع بستين ڪان
هن ڪي بہ خلا ۾ دفنايو

هي جابر هو
هي آمر هو
هي انسانيت جو قاتل هو
مان ان ڪي ڪير نہ بخشيندي س
چاتيءَ سان مور نہ لائيندي س.

مردار

هيڏي نہ اچو
هوڏانهن ڏسو
بد بوءِ جي وڪريل عالم ۾
مردار جو ادڙيل ماس - هڏا
۽ ڪارو لهو
جڻ پاٽي گندي ناليءَ جو
هن ڳوٺ جي ڪاٻي پاسي کان
آ ڊوڙند ڪتن، ڪانون ۽ ڳجهن جي پيرن ۾
سڀ ڪتا نوسي، پڙنڪن ٿا
۽ ڳجهون وڪريل ماس سنگهي
ٽيون آت ڏين.

هن ڪتن جا ڪوءَنڪاٽ ٻڌو
۽ ڪانون جي ڪانگيرن ۾ سرباٽ ٻڌو
ڳجهڙين جي اجاتي لوڏ ڏسو
۽ ڌرتيءَ جا نفرت سان پريل اعلان ٻڌو:
مان ڌرتي هان

هو ڏسو
ڪيلاش تي برف جهرڻا پنهنجي جوڙي
مانسرور مان
سنڌو، جنم وٺي
ساڳيلي ڪان سن پهتي آهي
برف جي موت
زندگيءَ کي جنم ڏنو آهي.

تخليقڪار جو هٿ
مٽيءَ ۾ مٽي تي چڪو آهي
پر، ان هٿ جي تحريرن
علم ۽ شعور جون
هزارين مشعلون روشن ڪيون آهن
فنا، بقا کي جنم ڏنو آهي
موت، شڪست جو اعلان ڪيو آهي
۽ زندگي
هنج بڻجي
سنڌوءَ جي لهرن تي لٿي آهي.

موت جي شڪست

(رشيد ڀٽيءَ جي موت تي)

هو ڏسو
هر آيل [1] ٻنيءَ ۾
هاريءَ ٻج ڇٽيو آهي
سياٽي،
ان - داڻن مان
سلا نڪرندا
هڪ داڻي جو موت
هزارن داڻن کي زندگي بخشيندو.

هو ڏسو
هن ٻير مان پوسل تي پاڙا ڇٽيا آهن
سياٽي،
دمڙا انگوريا
هڪ دمڙي جو موت
سوين دمڙن کي جنم ڏيندو.

---

(۱) ريج ڪانپوءِ زمين جو هر ڪار لائق هجڻ

ننڍڙو يار

امان، منهنجي امان!
جيجل امان!!
وٺ هيءَ پنهنجي ڏهہ- پئسي
۽ هان-
گڏ ڪيل هي پنجن روپين جو نوٽ
مون ٽول وٺي
رانديڪا خريدڻ ڇڏي ڏنا آهن
ايستائين،
جيستائين،
بابڙو مونکي لانگ بوٽ
وردي
۽ منهنجي قد جيڏي بندوق وٺي ڏئي
جيئن،
بند، ٻاريون ۽ پيرا ٽوڙي
آءٌ "سنڌوءَ" جي رکوالي ڪيان
سپاٽي متان،
ڌرتي ڏوراپو ڏئي
۽ ڪٽڪ جا تيلا نسرڻ ڇڏي ڏين
سپاٽي متان،
دليون ڌڙڪڻ ڇڏي ڏين
مامتا زخمي ٿئي
۽ مائرن جي ڇاتين مان
ٿڃ سڪي وڃي!

ساري ڌرتي ديس اسانجو

ساري ڌرتي ديس اسانجو
جڏهن کو مانيءَ - ويلو ڪانه
مل جو لوهو گيٽ ٽو کولي
۽ کو هاري
ٻنيون ريجي
ٻيجو پوکي
ڳوٺ وريٽو
پيٽ پريٽو
منهنجو ساٿي !
هانءُ ٺريٽو

ايٽو پيا جا پيٽ - بکايل
۽ ايراني گلف جا نا ڪا
لوساٽيل بيروت جا ماٺهو
منهنجا ڀائر
منهنجون ڀينر
منهنجون مائرون
آءُ تني جا سڏ ٻڌان ٿو
آءُ تني سان گڏ هلان ٿو.

سندرتا

مان شاعر آهيان ڌرتيءَ جو
ڌرتيءَ جي سندر چهرن جو
مان ماٺھوءَ جي من ۾ پيهي
هر دل جو دارون ڳولهيانٿو
هر دل جو درد نپوڙيانٿو
مان سرسوتيءَ جو ناڪو هان
مان نيل - ڪناري رهندو هان
مان روز قلو پطرائن سان
ڌرتيءَ جي دوشيزائن سان
پيو گهڙيءَ ، گهڙيءَ ملندو آهيان
ڪلندو آهيان
ائين سندرتا ، ڪي ساپيان ۽ سپنن-
۾ پيو ڏسندو آهيان
چمندو آهيان.

پڇناءُ

تون ڪوڙ آهين
مان سچ آهيان
تون ڪجهہ ناهين
مان ڪجھ آهيان
هي روز ازل کان تنهنجو منهنجو جهيڙو آ
اڄ تائين ڪنهن نہ نبيريو آ
تون جڏهن تڏهن زندانن کي جوڙائين ٿو
مان جڏهن تڏهن زندانن کي ڪيرايانٿو
تون ديوارون ٺهرائين ٿو
مان ديوارون ڍهرايانٿو
تون گهاٽن ۾ پيڙائين ٿو
تون ڦاهيءَ تي لٽڪائين ٿو
بم- گولن ساڻ اڏائين ٿو
۽ پوءِ بہ پنهنجي هار ميئين
پيو پنهنجي منهن پڇتائين ٿو
شرمائين ٿو
تون پنهنجي ننڊ ڦٽائين ٿو
تون هيٺو آن
تون گيدي آن
تون ڪوڙو آن
مان سچ آهيان
تون ڪجهہ ناهين
مان ڪجھ آهيان
مان سچ آهيان
مان سچ آهيان.

حسين ڪائنات

منهنجي ساري ڪائنات
چيٽ جون راتيون
ابهرو چنڊ اتاهين گهاٽ تان
سمنڊ جي پاتال ۾
ٿو لٿا پائي پيو
روشني
ڪيتن، دريائن، واهڻن، شهرن مٿان اوتي پيو
ڪير - ڏارا، نکٽ، ٽيڙو
رات جي پوئين پهر ۾
نرم رابيلي گلن ڪان روز شرمائن پيا
پاڻ کي ڳوليهن پيا

پاڻ ۾ رابيل جڻ پوکين پيا
منهنجي ساري ڪائنات

جنهن ۾ سچ
فطرت کي ازلي روشنيءَ جي سنهري شفاف -
ڪرڻن جا وڳا ۽ ويس پهرائي -
جلا بخشي پيو
زندگي ۽ حسن هٿي جهومن پيا
آءُ جڻ آزاد پنڇي
گڏ هوائن سان پيو اڏندو وتان
زندگي ۽ حسن هٿي جهومن پيا
منهنجي ساري ڪائنات
منهنجي ساري ڪائنات.

ننڍڙو بينجامن [1] رڙيٺو

مس خلا ۾ پهتو آهيان !
چنڊ ستارا سامهون آهن
هو آهي درويش [2] جي نگري
ڪيوبا ۽ ويٽنام جي ڌرتي
الجزائر
بينجامن جي ماتا سانئڻ-
جي ڇاتيءَ مان ڪير ڳڙي ٿو
ننڍڙو بينجامن رڙي ٿو
ها ، پر مان پيي بينجامن جو پاءُ تہ آهيان
بينجامن جي ماتا منهنجي ماءُ تہ آهي
منهنجي ماتا !
آءُ اچان ٿو
آءُ اچان ٿو.

(۱) ڏکڻ آفريڪا جو شاعر
(۲) فلسطين جو جلاوطن شاعر- محمود درويش

بیت



امن ۽ آزادي

ڏس ٻچيءَ ٻچيءَ ۾ ڳٽ آهي
توکي ٻہ ٽہ ڪنڌ تي ڦٽ آهي!
تون ڪينن چوين ٿو
سنگينن جي سائي ۾
ڪو آزادي ماڻيندو آ؟
جي تو ۾ ڪائي سگهہ آهي
ڇڏ اڇلي طوق غلاميءَ جا
جڏهن قلم ۽ توکي زبان ملي
ڪو ظلم جو ڪنهن ڏي هٿ نہ ڪڇي
هر ماڻهوءَ جا هٿ، پير، جسم ۽ زبان جڏهن آزاد ٿين
۽ صبح جي ٿڌڙي هير ۾ ٿڌڙا. ساهہ کڻن
ان وقت امن آزادي ٻئي اعلان ڪندا
۽ ٿيج جا رشتا
گوءُنچ ڪيدي
زيتونن جيئن
ڦٽندا ڦرندا
ڦرندا ڦٽندا

ڪلاچي مائي ! متارن جي مامتا !!
ڏس هوءَ لوڏ ڏکڻ ڪان ، آهي جا آئي
ڪيٽ وئي ڪائي- پوءِ بہ ننگر ننڊ ۾ !

* *

ڪلاچيءِ جي ڳوٺ مان ، ڇو ٿا لڏيو لوڪ ؟
جت بہ انهيءَ جهوڪ - آئيندا هن اڙا

* *

ڪاڏي هن ڪلاچ جو، لڏي لوڪ ويو ؟
پتو ڪو نہ پيو - ڪالهہ هتڙي ڪير هو

* *

اڳيان ڳوٺ ڳبول - پويان پڊ مليرجا
جهلي ڪير نہ جهول! ڏاتارن جي ڏيهہ ۾

* *

سرڪلاچ

ڪراچيءَ جي شهر جو، ڪيڏو هئو قد !
جڻ ڪنهن وڏي اڏ- لهرين ۾ لوڙهي ڇڏيو
* *

ڪراچيءَ جي ڪن تي، مڙيا مڇ هزار
سبر هن سمونڊ تي، ڇاٺو ! اڇليو ڄار
متان ڏئي ميار - ماريپور جو موڙو
* *

ڪراچيء جي شهر مان، ڇو ٿا لوڪ ! لڏيو؟
اسان سان اڏيو - ماڙيون منگهي پير ۾
* *

ماٺو منگهي پير جا، ڇوٿا لڏايو؟
ڪنهن ٿو سڏايو - ماٺيي جي ملڪ ۾ ؟
* *

متان سنڌي - لوڪ! سانجهيءَ سان سمهي پئو
اجان هن عميق ۾، مانگر آهن موڪ
تيلهيون (١) چاڙهي ٽوڪ - ڪاهي پئو ڪن ۾

**

ماري آيا مڇ ڪي، موروڙي جا مٽ
چائٺ متان چٽ - رهجي ويا رت - چاڻ جا

**

ڪلاچي ڪيڏي - پور جڏهن ياگا ٽيو؟
هن پيري هيڏي! پوءِ بہ مڇ مري نٿو.

**

اجهو شهر ڪلاچ ۾، وري ٽيا وڳوڙ
موروڙن جا موڙ - رنگايو رت - چاڻ ۾

**

(١) آڪسيجن جون تيلهيون.

تکي کڻ ترار - مڏيءَ ماس نہ وڍجي
ڪڍي اڳ ڪاٺوڙ ڪان ، مانگر جهڙو مار
ڏيهن کي ڏيکار - تہ مرندا ناهن مورڙا

* *

گهر، گهر گوليمار - جن کو ڪن ڪلاچ جو
پلجن جنهن جي پيٽ ۾ ، مانگر مڇ هزار
لسبيلي کان يار ! ڪر چڙهائي ڪن تي

* *

لٽي سچ لياري - ساهي پير سمهي پئي
ويٺي ويچاري - ڪٽي ڏينهن ڏهاڳ جا

* *

هيءَ جا هندوڪار - لاتو لالو کيت ۾
ڪير وري بيهار - آئي جي آجيان ڪندو

* *

ڪارو پاٽي ڪن جو، ڪارا مانگر مڇ
ناڪا ! وجهي رڇ - ماريو مڇ ڪلاچ جو

* *

ڪاڏي هن ڪلاچ جو، لڏي لوڪ ويو ؟
هاٽي اينن ٿيو - جڻ لڳي باھ ڀنڀور کي

* *

گهر، گهر گوليمار ۾، مڙيا مڇ هزار
اسان سي هروار - هٽن ۾ هيٺا ڪيا

* *

وانجهي ! سپ ورو - تہ ڪجن ڀاڳا ڀور جا
پاٽيءَ تي پرو (١) - مسين ڪڍيو مڇ آ

* *

---

(١) پيچرو - سنهڙو دگ - مانگر جي تيز ترڻ
ڪري پاٽيءَ تي رستو ٺهي پوڻ.

ڪالهه لڄايو ڪاڪ کي، هاٿي ڪيو هيٺن
ٻيھر ٻيو ڪيٺن - آئي جي آجيان ڪندو !

* *

پاڻيءَ وجھندا پاڻ کي، مڇ ٻہ ماريندا
ڏيا ٻاريندا - غورابن تي گندرا

* *

ڪيڏو شهر ڪلاچ جو، مادر ! مون ڏٺو
هاٿي ايئن ڦٽو - جيئن لڳي باھ ٻنيور کي

* *

ڪراچي، او ماءُ ! سونهن اسانجي سنڌ جي
کهڙو وريو واءُ - جو ماڳ نہ آيا موررڙا ؟

* *

ڪراچيءِ ڪي ڪير ؟ واڳن جيئن ويڙهي ويا
وجهي وات وٽن ۾ ، چمڙن جيئن چوڙ ڦير
ڳهاتو ! پڇو ڳهير - ٿيا سڏ ساٿيهہ جا

* *

وري مانگر موت ڪئي ، آهي جو عذاب
ڪرٽو آهہ ڪباب - موني مٿان مڇ ڪي

* *

سڄو شهر ڪلاچ جو ، آهي رتو - ڇاڻ
اوياهيِ جا ياڻ- ڊوهن ڊهرائي ڇڏيا

* *

ڪراچيءَ جي شهر مان ، لڏيو جن لوڪن
تن کي تماچين - ڪيو حوالي ڪن جي

* *

مؤمن ! (۱) موٽي آءُ - توکي سيد (۲) ساريو
نہ تہ هي گهرو گهاءُ - ڀربو ڪين ڀونچال ۾

* *

لٿي سج لياري ! سمهينءَ ڪهڙي سور ۾ ؟
ڇو ڪنهن تنهنجي شهر ۾ ، باهہ نہ آ ٻاري ؟
اٿي آساري ! لوچ ڀڳهاري لوهہ کي

* *

ڪراچيءَ ۾ ڪير ؟ ويٺو تڪي واٽڙي
اوڀاهڪو ڀير - ڪير نہ پسي ڪن تي

* *

جر تي پائي جهنب - ويهہ نہ واهڙ آسري
ماندو ٻٽجي منب - ڪاري ڪالا باغ کي

* *

---

(۱) ڪراچيءَ جو جهونڙو شاعر مؤمن ملیراڻي، جيڪو مون وٽ ڪارڊن تي راتين جون راتيون اچي ترسندو هو.
(۲) سن جو سائين.

مڙي ڪينن مانگر - هريو جو هڏ - ماس تي
تڏهن سارو تر - منهه مٽائي ويو

**

اڳيان پسي اڄ - هن پيري هاڪاريا
چونڊي ونجهه وڏيرڙا ، رڱاياڻون رڃ
پوءِ بہ مانگر مڃ - جاليو ساڳيءَ جوءِ ۾!

**

ڪراچيءِ جي قد ڪي ، ڪانيءَ ساڻ ڪڇيوم
سڄو ڏينهن لڳوم - مون نہ ڪٽائي مامتا

**

ڪراچي ، او ماءُ ! سونهن منهنجيءَ سنڌ جي
ڏسين ٿي انياءُ - بيٺو آهي برج تي ؟

**

ڪراچيءَ جي شهر جو، قد هئو ڪيڏو !
هن ڀيري هيڏو! ڪاڪيون ! ڏٺو ڪين ٽئي

* *

ڪراچيءَ جي شهر ۾ ، رڳو آهي رت
ڪيڏو آهه ڪهت - ڀوءِ ٻه مانگر مڇ جو !

* *

اوڀاهي جي اڌ جي ، ڪهڙي تو ڪي ڪر
ٿلهيءَ هڪ ٺوڪر - ميڪر منجهائي ڇڏيا

* *

هاڪاريو هن جاءِ ڪاڻ، مڇ ٽِڏهن مرندو
ٽنبي جيئن ترندو - ابتو آڇارن ۾

* *

سر جمن

سر ۽ سنگيت جو سورج

استاد محمد جمن

استاد محد جمن جهڙا عظيم فنڪار صدين جي وٿيءَ کان پوءِ ئي پيدا ٿيندا آهن .اڄان ماسٽر محمد ابراهيم جا زخم ڇٽا ئي ڪين ها،جو مٿان ۲۴ جنوري ۱۹۹۰ تي سر ۽ سنگيت جو سرجڻهار استاد محمد جمن اسان کان جدا ٿي ويو،جنهن سنڌ ساڻيهه تان سنگيت جو سج لهي ويو- سندس جدائيءَ ۾ ماڻهن ته ڇا سازن به ڳوڙها ڳاڙيا هئا. تنبوري جي تند ٽٽي پئي هئي. سرندن ۽ سارنگين ماتم ڪيو هو. بينن ۽ بنسرين ڪيڏارو ڇيڙيو هو. ۲۴ جنوري جي باک ويلي موت جي راڪاس راڙ ڪئي هئي، جنهن ماٿيلي کان مڪليءَ تائين ڪاري آنڌاريءَ سان ٽاندڻن جو مينهن وسايو هو. هاڻي ته پکوازن ۽ باجن ۾ گهٽڻ گهر جوڙڻ شروع ڪيا آهن - بينن، بنسرين ۽ تنبورن تي گرد چڙهي وئي آهي، جنهن کي صاف ڪري ڇيڙي، سرن کي معنا جي ويس پهرائڻ لاءِ وري صدين جي سفر جي ضرورت آهي. هنن حقيقتن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته استاد محمد جمن ڪيڏو وڏو فنڪار هو.سندس جاءِ پرجي سگهي يانه پر سنگيت جي انهن ساڳين رستن ۽ پيچرن تي هلڻ لاءِ سندس پٽ شفيع محمد وڏا هيلا هلائي رهيو آهي - اسان دعاگو آهيون ته استاد جو هي فرزند تسلسل به قائم رکندو ۽ پيدا ٿيل خال جي پورائي لاءِ شفيع محمد به لطيف جو ڪاهوڙي ثابت ٿي ڏيکاريندو-

استاد محمد جمن جا وڏڙا بلوچستان جا رهواسي هئا ، جيڪي شاه بلاول نورانيءَ جي فقيرن سان ڇاتا سڃاتا ويندا هئا.

ڪيڏو شهر ڪلاچ جو، مادر ! هئو مان
ملندو هو هن ماڳ ۾ ، دل جو گهريو دان
هاڻي هر مڪان - آهي گهر ارغون جو

* *

دور ڪيو دهشت - منگهي ۾ ملير مان
ڦهلايو تا ڦڳڻ (١) ۾ ، وري ڇو وحشت؟
ڪيڏا هن ڪهت ! سون - ورنيءَ سنڌ ۾

* *

(١) هندي سنبت جو ٻارهون مهينو ، جنهن ڪانپوءِ چيٽ ڦٽندو آهي ۽ سڪا وڻ به ساوا ٿيندا آهن.

ڪبي ،جيئن پيرويءَ ۾ گن ڪلي ڳائي ويندي آهي . هڪ راڳ ڪي ٻني راڳ ۾ نہ ملايائين - صاف ٻڌايائين تہ هيءَ "ذتڻ" آهي ۽ هوءَ اچڙي ، هيءَ ٺوڙهي آهي ۽ هوءَ گاج . راڳ اهو وڃي هٿ ڪبو ، جيڪو گرنٿ ۾ ئي نہ ليندو ۽ پوءِ منجهس سنڌيت جوانگ رکي ، ڪيس سنڌ جي ڳوٺن تائين پهچائبو. سرن جي تقسيم بہ خوبصورت ڪبي ،جيڪو راڳ جي هر ماهر جو ڪم ناهي - استاد محمد جمن گائڪيءَ ۾ مينڊون استعمال ڪري ، راڳ کي خوبصورت ڪان خوبصورت بڻائي ، ٻڌندڙن تي وجداني ڪيفيت طاري ڪري ڇڏيندو هو. " مينڊ" راڳ جي اها خوبي آهي ، جيڪا سارنگي ، فلوٽ ۽ ستار ۾ تہ ٿيندي آهي پر هارمونيم ۾ٿني ئي ڪانہ . استاد محمد جمن جو اهو ڪمال هو جو ڳلي مان مينڊ ڪڍي ، باجي جي ٻن ٽن سرن کي آگرين سان ڇهي ، مينڊ جو پورائو ڪري ،آواز ۾ مڌرتا پيدا ڪندو هو ، جنهن جي ساک راڳ جا ڄاڻو- پنڊت ، خانصاحب ۽ گائڪ- بہ پريندا هئا .ور ور ڪري استاد جي لئي کي ساراهيندا هئا ، ڇو جو تال يا ٺيڪي ۾ٺين سچ نئين جدت پيدا ڪندو رهندو هو. ساڳي راڳ مان پلي تہ ڏهہ ڏنون ٺاهي ، هڪ ڏن ٻيءَ ڏن سان نہ ملندي. ڇو سرن جي مدد سان راڳ جا نقشا ويهي جوڙيندو هو.

وفات کان ڪجهہ مهينا اڳ سنڌ ۾ پارت ورش مان هڪ پنڊت آيو هو ، جيڪو راڳن بابت کوجنا ڪري رهيو هو. استاد کان سوال ڪيائين تہ سر ست (سا- ري - گا- ما- پا- ڌا - ني) آهن ، پوءِ اٺون سر(ٽيپ سا) ڇوٿو لڳايو وڃي؟ استاد جو جواب هو: اٺين سر نہ لڳائڻ سان تال مڪمل نہ ٿيندو ، جنهنڪري سرگم تال ۾ پورو نہ ٿيندو - اٺين سرلڳائڻ سان

پنهنجي اباڻي ڳوٺ " ڪنب " مان لڏ پلاڻ دوران استاد محمد جمن جو جنم ١٩٢٥ع ۾ ڳوٺ "سوڙهه" ۾ ٿيو هو.

هن جو ننڍ پڻ گهڻو ڪري سندس ناني وٽ گذريو، جيڪو سرندو ۽ دنبورو ڏاڍي سٺيءَ مهارت سان وڄائيندو هو. روزگار جي تلاش ۽ ٻين معاشي مجبورين جي ڪري هن خاندان ڪي ٻه سنڌ جي ان پاڙيءَ ڪشش ڪري مائي ڪلاچيءَ جي ڳوٺ جا وڻ ڏيکاريا. جڏهن استاد محمد جمن جو والد بزرگوار حاجي احمد بلوچستان مان لڏي اچي ڪراچيءَ جي بستي لالو کيت ۾ ويٺو ته ان وقت سندس جوانيءَ جو زمانو هو. ابتدا ۾ ڍولڪ وڄائيندو هو ۽ پوءِ بئنسري وڄائڻ شروع ڪيائين . استاد محمد جمن بئنسري وڄائيندي ، ريڊيو اسٽيشن ۾ پير پاتو. ريڊيو تي آڊيشن ڏئي ٻاهر نڪتو ته ڳائڪ جي حيثيت سان ڄاتو سڃاتو ويو. اهڙيءَ طرح هو ڪراچي ۽ حيدرآباد ريڊيو تان سنڌي راڳ جي خدمت ڪندو رهيو.

استاد محمد جمن ڪان اڳ ڪيترائي سنڌي راڳ، موسيقيءَ جي گرنٿ ۾ هئڻ باوجود به ڪين ڳاتا ويندا هئا . مثال طور: ديسي، ڪاموڏ ۽ بروو، گرنٿ جا راڳ آهن ، جيڪي اڳ ڪلاسيڪيءَ ۾ ته ڳاتا ويندا هئا ، پر ڪافي ڳائي هنن راڳن کي عام نه ڪيو ويو هو. استاد محمد جمن ڪافي به ساڳي داستان مان ڪنني، راڳ جو نالو به داستان واروءِ دوهڙا به ان ئي داستان مان ڪٽي ،لطيف جي رسالي جا گم ٿيل راڳ روشنيءَ ۾ آندا . اها استاد محمد جمن جي خاص خوبي هئي، جنهن سنڌ جي ڪافيءَ کي اوتارن ۽ درگاهن مان ڪڍي، سنڌ جي عام ماڻهن تائين پهچائي، مقبول بڻايو. راڳ ڳائبا ته شڌ يعني خالص ڳائبا ، جن ۾ ڪنهن به قسم جي ملاوٽ نه

(٥) وٺان وچ نہ مون ، منهنجو تون هين تون.
(راڳ بروو)
هن راڳ ۾ ڪافي ٿاٽ ڪتب آيو آهي .
استاد محمد جمن جي ڪن مشهور ڪافين / ڪلامن جو اجهو
هن ريت وچور آهي.
منهنجو ملڪ ملير - زاري سا زاري- ڪيچ وٺن ڏي ڪاهيان ڙي - آرياڻي پنهون ري - دوست پيهي در آئيو - آئون شل ويڙهه وڃان - ساهڙ لهج سنڀار - راڻل توبن رات - مون ۾ عيب اپار - جيڪي ڏٺو هو مون - ڪارون وس ڪيام- يار ڏادي عشق آتش لائي هي. رانجها ساڏڙي ويڙهي - ڪيچ پنهل ڏي هل ، ڪاهي هل- مونکي ڏيرن آهي ڏکوئيو- وغيره. مون خاڪسار جا بہ ڪجهہ ڪلام ڳاتائين ، جيئن تہ: ڏادي لڳڙي لار. ڪري ڪهل ڪوهيار-
آيو عشق امام ، صبح شام- ڏاڍو عشق لڳو اٿجاڻن ساڻ......
منهنجي ڄاڻ مطابق هيئين نون پراڻن شاعرن جو ڪلام ڳاتائين :شاهہ ، سچل ، بلي شاهہ ، خواجہ فريد ، مصري شاهہ ، بيدل فقير ، عثمان فقير ، مير سڪندر خان کوسو ، پيرل پياسي ، طالب المولا ۽ تاجل بيوس -استاد بڙي غلام علي خان ، استاد عاشق علي خان ، استاد اميد علي خان ،استاد مبارڪ علي خان ،استاد امير علي خان کي دل جي گهراين سان ياد ڪندو رهندوهو.
استاد جا اهي شاگرد جيڪي عام تائين پهتا ،انهن جا نالا هن ريت آهن : شفيع محمد (استاد جو فرزند) علي محمد خاصخيلي ، زيب النساء ، حسين بخش خادم ،روبينہ قريشي

اٺ ماترائون پوريون ٿين ٿيون يعني تين تال مڪمل ٿيندو، جيڪو اٺن ماترائن جو ٺيڪو آهي.

ان پنڊت جواب ۾ ڪانپوءِ استاد محمد جمن واري ئي انداز ۾ ساڻس تاڙو ملائي داد ڏنو هو. استاد، حاضر مجلس کي پرکي ۽ پروڙي راڳ ڳائيندو هو، پوءِ چونه نيم ڪلاسيڪي يا خيال ۽ ٺمري ڳائڻا پون- شاه جي رسالي سان استاد جي عشق جي اها حالت هئي جو رسالي جي سڀني داستانن جا ويهي راڳ ڪمپوز ڪيائين ، جنهن لاءِ ڪيس ڏينهن رات نور نچوئڻو پيو ۽ اهڙيءَ طرح ثابت ڪري ڏيکاريائين ته ڀٽائي جو هر داستان ، راڳ ۾ آهي . سندس هن قسم جي کوج ڪراچي ٽيليويزن تان قسطن ۾ ڏيکاري وئي هئي ، جيڪو سلسلو اٽڪل ٽن مهينن تائين هليو هو. سندس تحقيق ۽ ڪمپوزيشن جا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا .

(۱) پلڪ نه رهي دل تو ري ، ور ميان خان بلوچا
(راڳ آبري)

هن راڳ ۾ريکپ ۽ نکاد تيور سر استعمال ڪيل آهن، جيڪو ڪافي ٺاٺ سان مشابهت ٿو رکي .

(۲) ٻاروچان ٻاجهه ڪٿي ، آئون ٿي چلان چيرين
(راڳ آبري)

(۳) آئون جيهائي ذات ،تون پاڻ سڃاڻج سپرين الا!
(راڳ ڪاهوڙي)

هن راڳ ۾ پيرون ٺاٺ استعمال ڪيو ويوآهي .

(۴) هيري هٽ وڌائين ،ويهي سائين وچم
(راڳ ڪامود)

هن راڳ ۾ بلاول ٺاٺ آندو ويو آهي .

(٥) وڻان وچ نہ مون ، منهنجو تون هين تون.

(راڳ بروو)

هن راڳ ۾ ڪافي ٺاٺ ڪتب آيو آهي .

استاد محمد جمن جي ڪن مشهور ڪافين / ڪلامن جو اجهو هن ريت وچور آهي.

منهنجو ملڪ ملير - زاري سا زاري- ڪيچ وٺن ڏي ڪاهيان ڙي - آرياڻي پنهون ري - دوست پيهي در آئيو - آئون شل ويڙهہ وڃان - ساهڙ لهج سنيار - راڻل توبن رات - مون ۾ عيب اپار - جيڪي ڏٺو هو مون - ڪارون وس ڪيام- يار ڏادي عشق آتش لائي هي. رانجها ساڏڙي ويڙهي - ڪيچ پنهل ڏي هل، ڪاهي هل- مونکي ڏيرن آهي ڏڪوئيو- وغيره. مون خاڪسار جا بہ ڪجهہ ڪلام ڳاتائين ، جيئن تہ: ڏادي لڳڙي لار. ڪري ڪهل ڪوهيار-

آيو عشق امام ، صبح شام- ڏادو عشق لڳو اڻجاڻن ساڻ......

منهنجي ڄاڻ مطابق هيٺين نون پراڻن شاعرن جو ڪلام ڳاتائين :شاهہ، سچل، بلي شاهہ ، خواجہ فريد ، مصري شاهہ، بيدل فقير ، عثمان فقير، مير سڪندر خان ڪوسو، پيرل پياسي ، طالب المولا ۽ تاجل بيوس -استاد بڙي غلام علي خان، استاد عاشق علي خان ، استاد اميد علي خان ،استاد مبارڪ علي خان ،استاد امير علي خان کي دل جي گهراين سان ياد ڪندو رهندوهو.

استاد جا اهي شاگرد جيڪي عام تائين پهتا ،انهن جا نالا هن ريت آهن : شفيع محمد (استاد جو فرزند) علي محمد خاصخيلي ، زيب النساء ، حسين بخش خادم ،روبينہ قريشي

اٺ ماترائون پوريون ٿين ٿيون يعني ٽين تال مڪمل ٿيندو، جيڪو اٺن ماترائن جو ٺيڪو آهي.
ان پنبدت جواب ٻڌڻ ڪانپوءِ استاد محمد جمن واري ئي انداز ۾ ساٿس تاڙو ملائي داد ڏنو هو. استاد، حاضر مجلس کي پرکي ۽ پروڙي راڳ ڳائيندو هو، پوءِ چونه نيم ڪلاسيڪي يا خيال ۽ ٺمري ڳائڻا پون- شاه جي رسالي سان استاد جي عشق جي اها حالت هئي جو رسالي جي سڀني داستانن جا ويهي راڳ ڪمپوز ڪيائين ، جنهن لاءِ ڪيس ڏينهن رات نور نچوئڻو پيو ۽ اهڙيءَ طرح ثابت ڪري ڏيکاريائين ته ڀٽائي جو هر داستان ، راڳ به آهي . سندس هن قسم جي کوج ڪراچي ٽيليويزن تان قسطن ۾ ڏيکاري وئي هئي ، جيڪو سلسلو اٽڪل ٽن مهينن تائين هليو هو. سندس تحقيق ۽ ڪمپوزيشن جا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا .

(١) پلڪ نه رهي دل تو ري ، ور ميان خان بلوچا
(راڳ آبري)

هن راڳ ۾ ريکپ ۽ نکاد تيور سر استعمال ڪيل آهن، جيڪو ڪافي ٺاٺ سان مشابهت ٿو رکي .

(٢) ٻاروچان ٻاجهه ڪئي ، آئون ٿي ڇلان ڇپرين
(راڳ آبري)

(٣) آئون جيهائي ذات ،تون پاڻ سڄاڻ سپرين الا!
(راڳ ڪاهوڙي)

هن راڳ ۾ ڀيرون ٺاٺ استعمال ڪيو ويوآهي .

(۴) هيري هٽ وڏائين ،ويهي سائين وچ ۾
(راڳ ڪاموڏ)

هن راڳ ۾ بلاول ٺاٺ آندو ويو آهي .

سانديي رکيا هئا ، جيڪي قبرن ۾ به پاڻ سان گڏ کڻي ويو.
شفيع محمد ۽ قادر عليءَ ٻڌايو ته ۲۴ - جنوري ۱۹۹۰ واري رات هڪ وڳي تائين سيني کي راڳ ڳارايائين. ان وقت سندس ٻيا ٻه فرزند محمد حسن ۽ غلام اويس . (هڻ ٻه پير استاد محمد جمن جهڙوا) ۽ سندس ڏينرون مهناز ۽ شهناز به موجود هيون . سامهون پٽ سان لڳل تختيءَ تي مصري شاهه ، خواجه فريد ۽ سچل جي ڪلام سان گڏ شاهه جو رسالو به پيو هو. اوچتو زمين تي شاه جو رسالو ڪري پيو . پڇڻ تي ڪيس ٻڌايو ويو ته شاهه جو رسالو ڪري پيو آهي - ان رات ئي آغا خان اسپتال ۾ رات جوينجين وڳي سسڪيون ڀريندي ، استاد اسان کان جدا ٿي ويو.
ڪنهن فرد يا شخصيت تي تڏهن ئي قلم کڻڻ گهرجي ، جڏهن اهو فرد عملي طور فرد مان ڦري ادارو نظر اچي. استاد محمد جمن به سر ۽ سنگيت جو هڪ مڪمل ادارو هو ، جنهنجي اندر مان سر لهرن جو روپ وٺي نڪرندا هئا. هڪ اٿاهه سمونڊ هو ، جنهنجي پاتار ۾ سر ۽ سنگيت جا موتي سر جندا هئا. سندس موت جي خبر منهنجي مٿان پهاڙ ڪيري وڌا هئا. مونکي ڇاتيءَ کان ڇني ، ٻه ٽڪرا ڪري ڇڏيو هو. مان پورا پورا ٿي پيو هئس. منهنجو من گهاٽي ۾ پيڙجڻ لڳو هو. استاد محمد جمن جي موت تي مونکي ڏرتي ڏٻندي محسوس ٿي هئي. ان ڪيفيت مونکان "سرجمن" لکرايو هو ، جنهن مان ايڪونجهاهه بيت ۽ ٻه وايون اجهو هن ڪتاب ۾ شامل آهن.

— تاجل بيوس

،زرينہ بلوچ ۽ قادر علي- تازو مون استاد جي ننڍي فرزند غلام اويس کي ٻڌو، جيڪو سرتال جو پڪو پختو لڳو. اڳتي هلي، ٿي سگهي ٿو تہ غلام اويس بہ استاد محمد جمن جون سڪون لاهي. راڳ جي راڻي عابده پروين بہ استاد جي گائڪيءَ جي ساک ڀريندي آهي.

مون خاڪسار هڪ دفعي ميلي جي موقعي تي استاد محمد جمن کي پنهنجي ڳوٺ وٺي ويو هيس ، جنهن ۾ سارنگيءَ تي سنگت جهونڙو استاد مجيد خان ڪري رهيو هو- هن موقعي تي درگاهہ جي گادي نشين سائين حيات شاهہ جي هٿن سان سندس دستار بنديءَ جي رسم ادا ڪرائي وئي هئي .هڪ ميلي جو موقعو ٻيو استاد جو اسانجي ڳوٺ ۾ پهريون دفعو اچڻ ڪري وٽن تي ، ڀتين تي، ڇتين تي ماڻهو ئي ماڻهو هئا . محفل صبح تائين جاري رهي - جنهن موضوع جون مصرائون هيون ، انهيءَ سان ٺهڪندڙ دوهڙا هئا ۽ هڪ هڪ مصري ۾ شاهہ جا ڏهہ ڏهہ بيت ٿي چيائين . الا، الا! ان محفل کي ياد ڪندي استاد چوندو هو: تاجل! درگاهہ پير حيات شاهہ جي ڳوٺ جا ماڻهو راڳ ۽ راڳيءَ جي عزت ڪري ڄاڻن.

مان ڪڏهن ڪڏهن حاضري ڀرڻ سندس گهر ويندو هئس .نم جي هيٺان کٽ تي ويهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪچهري ڪندو هو. تڏا ساه ڀري اسانجي ڪن سرڪاري ادارن جون ڏاڍ- مڙسيون بيان ڪندو هو. مان تبرو ڪري تہ نہ ڄاڻان ،باقي اندر ئي اندر ۾ انهن ادارن جي سربراهن کان نفرت جو اظهار ضرور ڪندو هئس .جڏهن استاد جو فن عروج تي هو ، ان وقت سائس بہ اڪيائي ڪرڻ ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي وئي . اهڙن سربراهن ۽ تعلق رکندڙن جا سور استاد اندر ۾ ئي آخر تائين

لڏي پيئي لام، پر نہ پکيئڙا ڏار تي
اسان پڻ اتامرا، اجها ٽي اڏام
هاٺوڪا هشام، ڪير نہ پسندو ڪڏهين
**

سرن جي سمونڊ ۾، ٽوئي وڏا ڪن
کهڙي وڳي ڏن، جنهن آندي ماٺ مهراڻ ۾!
**

ٽٽي ڪينر تار، هٿين ڪوه هٿن ڪي؟
ڳنڍڻ سان ڳين جي، ايندي ڪانہ اپار
تانر! ڪر تنوار، ڪورو جوڙي ڪينرو
**

وڄي، وڄي، تار، آخر ٽٽي اڌ مان
وسي باه وجود جي، هٿن ميين هار
موت! پونڊءِ مار، تون پڻ لٽبين لوڙه ۾
**

سرجمن

(استاد جمن جي موت تي)

ساڳي نم جي ڇانو- ساڳي ڪٽ ڪنگهار جي
اڇي وينا اوڏڙا ، ڪان ، ڪان ڪري ڪانو
ناميارا ڪي نانو- موت ميساري ڇڏيا

**

ڀچون بانسريون ،ٽوڙيو تار تنبير جي
مري ويو مڱڻو ، ميان! ڏٺو مون
رهجي وئي رون ، رون- تن ۾ هڪڙيءَ تار جي

**

ڀورا ، ڀورا بانسري ، ست ٽڪرا ساز
اڃان ٻيي آواز- گونجي پيو گرنار ۾

**

ات وئين اڏري ، جتي پير نہ پک جو
اسان پڄ اتامرا ، ويندا سون وکري
اونداهيون اکري ، ملبو توسان مڱڻا !

**

ڪوڪي آ ڪويل، ڀنيءَ ويل بسنت ۾
سڏڪن ٽيون سهاڳڻيون، ڳوڙها اوتي ڳل
جاجڪ! اڄي جهل- جمن! موتي جهول ۾
**

راڳي! تنهنجو راڳ، ٻري ٻانگ ازل جي
سرن ۾ سنگيت جو، آهي سمنڊ اجهاڳ
ورتو جن ويراڳ، سي پوڄارا پر ٿيا
**

سڀ جو سرجڻهار، جتهن خدايون خلقيون
پر، تو! خلقيو پاڻ ۾، سرن جو سنسار
واهڙ ويرو تار، توني سرجيا سنڌ ۾
**

تانر! تو تخليقيا، سرن جا سنسار
واهيرن جا ويلڙا، آڏيءَ جي اڏار
لکيمر لک هزار، ڪايانون ڪماچ جون
**

ووءِ ووءِ، واويلا! ڪيڏي آهي ڪالهه ڪان!
ميان! تنهنجي موت تي، ٻرن ٿا ٻيلا
ايئن نہ اويلا، مرندا آهن مڱڻا
**

فقيراڻو فن ، ٻريل ڏيا ڏات جا
وڍيو موت وجود جو، ڪانو توڙي پن
ڏرتي! هيڏو ڏن - ڪيئن لڪائين لوڪ کان؟
**

ماڻهو سڀ مري ويا، تون ٿو جئين ڪيئن؟
جا جڪ ريءَ جهان ۾، جيئرو رهين جيئن
هنوءِ رڳو هيئن، جيئڻ ناهي جيئڙا !
**

تانرا! تنهنجا تان- پريل ڪٽورا ڪير جا
ڍوليا! ڊاپان آن نہ- سرڪيندي سموڻ ڪي
**

مون ليءِ سو رڙي، جنهن هڏا پٽر پيٽ سان
پانڌي جيڪو پاڻ کي، جبل منجهه جڙي
سچو ڏينهن سڙي، هيڪانڪدو هالار ۾
**

سڻ جي سمونڊ تي، ليٽيون جي لهرون
اڇيون، اڇتهيون - ٿيون گم گرداب ۾
**

تون ڏاهو ڏٺي ڏات جو، تون سالڪ، تون سڄاڻ
ڪوي! تنهنجو ڪانڙو، ڏکوندن جو ڏاڻ
چنڊ ڪتين ساڻ، ڪڙيو ڄاڻ ڪنيات ۾
**

جمن! جوءِ ڇڏي، وئين وڻجارا! اڪري
ساري توکي سپرين، سنگت ٿي سڏي
ويندو نيٺ لڏي، هرڪو هلڻ -هارڪو
**

کيٽ کيڙيا تو، سرن ۾ سنگيت جا
تانر! توکان پو، ڪير ڳائيندو ڪانڙو؟

**

اجهو اپريو سج ٿي، گور منجهان ڪوگيت

موت بہ آهي ميت، جي ڪلهي پائي ڪينرو

**

نارائڻ شيام (١)، ٿيو هٿيڪو هنڌ ۾

جنهن کي ساري سنڌ ۾ ،مائرون ڪن ماتام

جمن! توني جام، پيتو ڪن ڪلاچ جو

**

تاڻيا تنبورا، چڙيا سر سنگيت جا
تو ڪيئن توڙا تڪڙا، پڃايا پورا؟
اڃان اڌورا، آهن سر سنگيت جا

**

---

(١) هند ۾ سنڌي ٻوليء جو برک شاعر

اٿي تن سان اور، آيل ! اور اندر جي
سامينڙن جي سچ تان، گهر سجوني گهور
پتر وانگي پور، پورهيت ٻڄي پاڻ کي
**

۶ - فصليءَ ٻار مان، ڪوي! ڏيج ڪٽان
داتا! ڏڪاري ڇڏيو، گهران جي گهٽان
ڪٽان پيو ڪٽان، ڪوڙيءَ مان ڪماچ جي
**

مونکي موتين هار، پاتا جي تو پيار جا
مور نہ سي مرجهائبا، جيسين تند تنوار
ڦٽندا لال ليار، ميان! تنهنجيءَ ماٽ مان
**

تون ڏاهو ڏٺي ڏات جو، تون سامي، تون سگهڙ
تون ئي گهاتو ٻڙ، تون ئي ڇپر ڇانورو
**

مون سي مالهائون ، ڏئيون ڦرندي ڏاتَ جون

سرجيون ٿي سرن جون ، ڪيئي ڪايائون

اسان اتائون ، آندي جوت جمال جي

**

مالها ڦيري مون ، سرن ۾ سنگيت جي

ورتي سکيا سچ جي ، جنهن ۾ "تون هين تون"

ڏوران ڏئي سون ، ڏولي راءِ ڏياچ جي

**

نه ڪنهن هنئين هند ، نه ڪنهن سٽي سنڌ ۾!

جاجڪ ! آهي جند- هرڪا تان تنبير جي

**

رنا تنبورا ، ڪيو ماتم ڪينري

آندا آشورا ، ميان ! تنهنجي مامري

**

ڪري ٿو ڪينر، ماتم توتي مگڻا!
سمهي پيون سارنگيون، جال وهائي جر
اٿي شل اوتر، ستل تنهنجي ساز مان
**

جمن! تون جاني- تون پڻ سچ سائيهه جو
پاتي تو پريم جي، ڳچيءَ ۾ ڳاني
ڪوڏر ۽ ڪاني، ڪيئن قبوليئي ڪاپڙي!
**

سچو(١) ماڌو(٢) مصري(٣) بلو(۴) ڀٽ- ڌڻي (٥)
جمن! آئين جن وٽان، خرزينو ڪٽي
هٽن سان هٽي، لذءِ راز رباب جو
**

سري،سري، سر- ڪالهه پهتا ڪن تي
اڻن جيئن اوطاق ۾، لنگهي آيا لر
هئا جڻ ته حر، مونسان مکيءَ ڏنڊ تي.
**

---

(١) (٢) (٣) (۴) ۽ (٥) سچل سرمست، ماڌو لال حسين، مصري شاهه، بلي شاهه ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي.

راڳي! تنهنجيون راڳڻيون، موتئي گل تي ماڪ

سٽي تنهنجي ساز کي، ماٺهو ٿيا مشتاق

هرهند پيئي هاڪ، مون گهر آيو مڱڻو

**

ڪاسي مان ڪٽان، جي مون وڌا جهول ۾

ڪاهي ان ڪٽڻ کي، ڪرا ٿو ڪٽان

هيڏي ٿو هٽان، تڏهن هام هڻڻ جي

**

چنڊ ڪتيون ۽ چيٽ، تنهنجو ڳائڻ ڳائٽا!

مٿي پاڻي ميٽ، گجر آئي گهاٽ تي

**

موتئي مينگهه ملهار، ڪيا تنهنجي ڪينري

وٺيون رات وجود تي، وڄون ويرو تار

ويڻي چوڙي وار، گجر منهنجي گيت ۾

**

وايون

(١)

نٽو نبري نينهن
جوڳي منهنجا جوءِ مٿي ويا.

ويا اهڙي ملڪ تي
جتي رات نہ ڏينهن
جوڳي منهنجا جوءِ مٿي ويا

جوٽي جنڊ فراق جا
پاهڻ، پاهڻ پينهن
جوڳي منهنجا جوءِ مٿي ويا

ٽٽا بند اکين جا
ماٺهن يانيو مينهن
جوڳي منهنجا جوءِ مٿي ويا

منٺيءَ ڪي ڳوهي، چاڙهيو ڪنير چڪ تي
مَٽ وڏو موهي، جنهن ۾ ڪيف ڪلال جو
**

جوڙي شڌ ڪلياڻ(١)، آءٌ تہ ڳايون ڳائڻا!
سؤ، سؤ پيرا سرن جو، ملائي مٺاڻ
سالڪ! تيءُ سڄاڻ، تہ مرڪون اوتيون مَٽ ۾
**

وسي باھ وجود جي، سمهي پيو ساز
پيچي پيچرو بت جو، اڏاڻو آواز
پکي ءِ پرواز، ويا دبجي ڏوڙ ۾
**

(١) ڪلياڻ ٺاٽ جو راڳ! هن راڳ جي خاص خوبي هيءَ آهي تہ سندس شڪل ڀوپالي سان ملندڙ آهي. آروهي تہ بلڪل ڀوپاليءَ جهڙي اٿس، يعني ساري گا پا ڌا سا. مڌم ۽ نکاد برجت (متروڪ)

سر لاکو
ڪنڊن- ڪنارن ڪانوڻي پاتال تائين

گذريل سال مانواري بخش علي لاکي جي اغوا ٿي وڃڻ تي ڪيس ورائي اچڻ بابت عوامي آواز ۾ منهنجي پاران اپيل ۽ هڪ ليک ڇپيو هو، جنهن سان گڏ لاکي جي اغوا واري دکدائڪ داستان کي سرلاکي جي سرخي ڏني، مون ڪجهه بيت ۽ وايون لکيون هيون. مون اينئن ڇو ڪيو، ڪي سٽون منهنجي اندر کي ڌاڙي، ڇيهون ڇيهون ڪري، ڪينئن سرجيون؟ ان سوال جو جواب ته مون وٽ به ڪونه آهي، مان رڳو ايترو چئي سگهان ٿو ته سمن ڄامن جي صاحبيءَ ۾ شاهه لطيف سربلاول ۾ ان وقت جي سخي سردار ۽ سنڌ جي حاڪم ڄادم جکري جي واکاڻ ڪئي آهي، جنهنجي سخا جا هنڌين ماڳين هل هوندا هئا. شاهه سائينءَ ڪيس ابڙو وڏ وڙو ۽ سمن جو سر موڙ سڏيو آهي. تاريخ جي هن امر ڪردار لاءِ شاهه صاحب هينئن به چيو آهي ته سرجٺهار، جکري کي پنهنجي هٿن سان جوڙي راس ڪيو آهي.سر پرڀاتيءَ ۾ شاهه، لس ٻيلي جي حاڪم سپڙ ڄام جي سخاوت جا به ويهي ڏک پريا آهن.

جڏهن مهراڻ ٻريو وهندو هو، ته ان زماني جي جسودن وڻجارن جي وڻج واپار جو ذڪر به اسانکي سر ڏهر ۾ ملي ٿو. ساڳي ئي داستان ۾ لاکي ڦلاڻيءَ جي ڪردار تي مختصر، پر چٽي پٽي روشني به وڌي وئي آهي. شاهه صاحب ٻڌايو آهي ته لاکو هوند وارن کي ڦري، اڻ- هوند وارن جي سار سنڀال لهندو هو، جنهن ڪردار کي تاريخ اڄ به سانڍي رکيو آهي. شاهه سائينءَ پنهنجن دوستن، سگهڙن، گهڻ- گهرن ۽ فقيرن- تمر، وڳند، محمود، بلال- کي به پنهنجي شاعريءَ ۾ سيباهيندڙ لفظن سان

(٢)

ويا اڪري وڻجارا

سڪ نہ سمهيا سامونڊي

لوڪ هلي لهنوارو، هو اسريا اوڀارا

ڪير ڪتيندي ڪاپا، ڪير ڏريندي ڏارا

صبح ڏئي ساندارو، سنگ چني ويا سارا

برهہ ٻجي ويا- ٻيوس، هن پيري هاڪارا

ويا اڪري وڻجارا

سڪ نہ سمهيا سامونڊي

ذڪر شاهہ جي رسالي ۾ آهي، فرق رڳو هي آهي، جو لاکو اسانجي حال جو ڪردار آهي ۽ جادم جکرو ۽ ٻيا اسانجي ماضيءَ جا. ماضيءَ جي ميتا جي پيٽ ۾ حال جا واقعا اسان مشڪل سان قبول ڪندا آهيون. هن ڪردار نگاريءَ وسيلي شخصي ميتا کي پاسيرو رکي، مان پنهنجن روايتن جي علامتي ۽ اهڃاڻي ڪردار نگاريءَ کي برقرار رکڻ جو جتن ڪيو آهي. لاکي جو ڪردار مونوٽ علامتي ڪردار بہ آهي، جيڪو سماج جي خوبصورتيءَ جي ماٺيلي ڪان مکلي ۽ ڪير ٿر ڪان ڪپري تائين نمائندگي ڪريٿو، ڇاڪاڻ تہ لاکو هڪ فرد جون منزلون طيءِ ڪري، هڪ اداري جي ويجهو پهتو آهي. (تاجل بيوس)

ياد ڪيو آهي. اهو اثر مونتي به پنجي سگهي ٿو، ڇو ته شاهه جي فقيرن وانگي لاڪو ۽ مان به پورا چار سال گڏ رهيا آهيون. شاهه جا فقير (جيڪي سندس دلگهريا دوست به هئا) گوڏا ٽيڪي ادب وچان شاهه وٽ وهندا هئا، تيئن اسان هڪ ٻئي ڪمري ۾ ڪڏهن ته هڪ ئي بنيچ تي وهندا هئاسون .

مٿين ڪردار نگاريءَ کي جاچبو ته خبر پوندي ته شاهه هر واڪاڻ جوڳي ڪردار کي پنهنجي شاعريءَ ۾ جاءِ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. معشيت، سماجي چڱ- مڙسي ۽ لطيف فن ڪانوني سياسي بسيرت رکندڙ حڪمران تائين ڪردار نگاريءَ کي اجاگر ڪري، ان وقت جي انساني روين کي اسان تائين پهچايو اٿائين، جيڪو تاريخ جو اهو زمانو هجي ٿو جنهن ۾ آمدرفت ۽ ڦهلاءَ جا محدود وسيلا هئا. اٺ، گهوڙي، خچر ۽ گڏهه جي سواري، پٽڪي جي ور يا ٻوچڻ ۾ ماني ٻڌي، هٽ ۾ جتي ڪٽي پنڌ ڪرڻ وارو زمانو، جڏهن ماڻهوءَ جي چڱائين لڳائين، کي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچڻ ۾ سال لڳندا هئا. ان جي ابتڙ تاريخ ۽ سائنس جو هي اهو زمانو آهي، جنهن ۾ ماڻهوءَ جي خوشبوءِ يعني حسن اخلاق يا بدڪردار جا قصا (نيڪي ۽ بدي) اک- ڇنڀ ۾ هزارين ميل ڏور پهچيو وڃن، ته پوءِ وحشت ۽ بربريت جي هھڙي سمي ۾ اهڙي فرد جي نيڪي يا ساٺس ٿيل هاڃن جا قصا ۽ ڪهاڻيون ڇو نه ويهي ڳائجن؟ بخش علي لاڪي جو والد (مرحوم) مهر علي فقير، فقير مظهر لاڪي (مرحوم) جو دوست، ذات ڀائي ۽ ڳوٺائي هو، جيڪو مهدي سائينءَ جي فقيرن مان ڪافي چوندڙ هڪ سنو، پرگمنام شاعر ٿي گذريو آهي. بخش عليءَ جي به اهائي فقيرائي ستي پيتل آهي، جيڪا فقير مظهر، مهر عليءَ ۽ ڪانانيءَ وارن ملاحن ۽ شاهائي فقيرن جي پيتل هئي.

بخش علي لاڪو به لطيف جي انهن ڪردارن جو تسلسل آهي، جن جو

لاکا لک سهي - بخش عليءَ پير پيو
هل تہ ان حبيب وٽ، اچون رات رهي
لاڏوءَ (١) تان لهي - ڪري پنڌ پريت جو

**

لاکا لک هجن - بخش عليءَ پير پيو
اهي ماٺهو سنڌ جا، سگا (٢) کي سونهن
اڄ بہ اچي جن - مرڪايو مخلوق کي

**

لاکي جي آني - آءٌ دميندس ديڳيون
تيسين پاهڻ پيٽ سان، هر ڪو ٻڌائي
وڃبا نيائي - ڏکيا سکيا ڏينهڙا

**

لاکي جي آني - ڏيي ڏک ڏاتار جي
دوست گهرائي دلگهريا، ديڳيون دمائي
جهيٺو ڳالهائي - ڏبو هٿ حبيب کي

**

---

(١) لاڏو اٺ - پاکڙي وارو اٺ - مهري ، لاڏو وغيره
(٢) سنڌ گريجوئيٽس ايسوسئيشن.

سرلاکو

(لاکي جي اغواتي)

لاکا ! تنهنجون لک - ڳايون ويٺا ڳالهڙيون
روئـــي ڦڙا رت جـا ، روز اڏائـــي رک
اباٺڪا ڪـڪـ - ڏس تہ لهي ڏوجرو

**

آءُ اسانجي تڪـئـي ، لاڪــا ! يـاءُ لڪي
نڪو ڀريا ڏيئڙا ، نڪـي بـاهہ بڪـي
نہ ڪنهن سينڌ مکي - نہ ڪنهن مکي مانڙي

**

مونسان رو نہ ماءِ ! ياءِ نہ ڳل ڳراتڙي
اها آڳ اجهاءِ - لڳي جيڪا لوڪ کي

**

ڪٿ تہ وڃي ڪانڌ - لڪو آهي لوڪ کان
ڏينهن بہ گذريو ڏک ۾ ، رات بہ ڪنيو پاند
وٺو آ پلاند - ڏاڙيلن کان دوست جو

**

لاڪا ! تون لڪي - لوڏ ۾ تنهنجي لڪ جي
تو پڇاڻا سپرين ! ڪنهن نہ مانگ مڪي
نہ ڪنهن ڇوڙيا ڇيلڙا ، نڪي ٻاهہ ٻکي
صبح آءُ سخي ! تہ مهڪي پونءِ ملير جي
**

گهڙيءَ ۾ ڳڏاپ ! ڪينن لڪاڻي ڪانڌ ڪي ؟
ازل جا آلاپ - پوري سگهنديس پيٽ ۾ ؟
**

لاڪن جا مڪان - ڪبڙ واري (۱) ڪوهہ تي
هل تہ پيٽيون پونءِ تي ، ننڊين جا نيشان
چنوءُرا ۽ چوءُ ڳان - جن کي ڏٺي ڏينهن ٿيا
**

هو ڏس ڍيرا ڳوٺ جا ، مٿي ڪوهہ - ڪبڙ
ڦوڪين ٿا فراق جون ، نفيلون ۽ نڙ
اهي تاسا تڙ - ڏٺي مونکي ڏينهن ٿيا
**

(۱) لاڪن جي او طاق وارو ڪوهہ ، جتان لانگهائو ٿيندا هناسون-

ڪٿو پيرو پيءِ ۾ ، لڪ جهلايو لوڪ !
پنهون ڪٿي ويا پنهنجا ، اوڏا ڪي اروڪ
ڪري جيءُ جهروڪ - لوڏائي ويا لوڪ کي
* *

سچ ڪ سليمان (١) لاکن آهي لڏيو ؟
ڏيندا هٿا ڏيهه کي ، دلگهريا جي دان
ڪاڏي سي ڪيڪان (٢) ڪاهوڙي ڪٿي ويا ؟
* *

صبح سليمان - نڪري ويندو نائهن ۾
ڳولهي ايندو ڳجهه مان ، ماڻهو سو مهان
صورت جو سلطان - لڪي لڪندو ڪيترو
* *

لاکو لک سوا - باقي تور تڪن جي
اسان جنهين لا - روني گذاريون راتڙيون
* *

---

(١) سگا جي هيڏي جو ناکو نگهبان ، ڊاڪٽر
سليمان شيخ
(٢) گهوڙا

وائي

ماٺهو مٽ نہ ڪو

ڏٺم تو ڏاتار جي

ڪيڏو پنهنجي ڪڙم لئي ، تانگهيو هوندو تو !

ڪڇيو ڪانڌ ڪلاچ جو، هيو ڏينهن ڏٺو

هلڻ سکجي حبيب ڏي، پٽيو منهن نہ مٺو

ڪاڇي ۾ ڪانوڙ مان، اڃهو لوڪ لڌو

سوين اسانجا سلامڙا، لاڪي ڏي لڪجو

ماٺهو مٽ نہ ڪو

ڏٺم تو ڏاتار جي

●

لاڪا ! تنهنجي لاءِ - مون پڇائي ماڻڙي
رهه اسان وٽ راتڙي ، سارا پيد پلاءِ
ٻيجل جيئن ٻڌاءِ - ڪهاڻي ڪاٺوڙ جي

* *

ٻاهر نڪري ٻار - وينا تڪن واٽڙي
آن ڪي ڏٺو اوٺيا ! پڇن وينا پار
لاڪا لک هزار - بخش عليءِ پير ٻيو

* *

لاڪو چڙهندو لڪ - منهڙو ڏوئي مول [1]مان
پرينءَ ڏاران پڪ - سامي گڏبو سات ڪي

* *

ڪاله وٺان ڪاٺوڙ - ڏٺو ڪنهن ڏاتار ڪي ؟
جنهنجي نٿو جوڙ - ڏسان ماٺهو ڏيهه ۾

* *

ڪيئن تو ڪوهستان ! ڏڪايو ڏاتار ڪي ؟
جنهنجي ڪزت ڪنپار ڪي (٢)، جنهنجا ماڳ مهان
دهرا گهر نه دان - موٽائي ڏي ميندرو

* *

---

(١) ڪڏاپ پرسان هڪ بستي، جتي مينهن جو پاڻي ڪڏ ٿي، ملير نديءَ کي ڀريندو آهي.

(٢) ٿيي ٺاهوڪو ڪرڻ - ماٺهپو سيکارڻ

وايون



ڪيرٿ ڌانهن

ڪيرٿ! تنهنجو قد- هيڪاندو هالار ڪان
وارو ميان! وڌ- ڪر ڪا چانو ڪرار تي
* *

ماءُ! ڌٺا جي مون- سي ڪنهن ڌٺا ڪينڪي
نڪو دک ڌرم جو، نڪا مان ۾ تون
بيٺي ڌٺا سون- انت اپاٺهار جا
* *

ڪيرٿ (١) جي ڪايا- سرجي هئي سنڌ
۾
ڪنهن ڌڪاري ڌارڪيا، ڌرتيءَ جا ڇايا
اجهي سانوڻ ڌينهڙا، آيا، ڙي آيا
پون شل سايا - هن پيري، هالار تي
* *

ڪاڪيون ! ڌٺم ڪالهه- سامي سيتا پون ۾
هيرا، موتي، لال- آچيائون آسيس جا
* *

ڌٺا مون ڌاتار- سالڪ سيتا پون ۾
وڪر پائن وترو، ويچيندي وٺجار
وري سي وينجهار - ڌسان اباٺي ڌيهه ۾
* *

هي گهٽيون، هو گهٽ - هي پٽراٽيون، پالڪيون
گهٽن (٢) جوڙيا گهرڙا، جن ۾ اڄ اڪٽ
ڪيڙائن جي ڪڙهه تان، ڪو ته ڪٽي ويو ڪٽ
موڪيءَ پنهنجا مٽ - پنيءَ جو پوري چڏيا
* *

(١) هند جو برڪ اديب ڪيتر ٻاٻاڻي
(٢) جيت جو قسم،

اجهي تا اچن !

ماٺهو شهر الهاس جا

سرنهن ۾ سهانجڙا، ڏوتي شال ڏسن!

اندر منجهه اڪير جون، باهيون تيون پڙڪن

اولا انقلاب جا، وري شال! وسن

اجهي تا اچن!

ماٺهو شهر الهاس جا

کيڏو تي ڪڙهي!

آرهڙ واريءَ اس ۾.

مومل منديءِ ٽڪ ۾، جيون تي جڙي

آرهڙ واريءَ اس ۾.

هن پيري ۾ هيڪلي، چوٽيون تي چڙهي

آرهڙ واريءَ اس ۾.

سائر ٽپنديون سهٽيون، گهڙا ڪوٺ گهڙي

آرهڙ واريءَ اس ۾.

مون مانگر جي ڪاڻ

ڏاڍا ڪيڍيا ڏاڪڙا

پلا، چرڪا، پونڪيون، اسانوٽ نہ آڻ

جاڏي جوڪو جيءَ جو، تاڏي ويٺو تاڻ

مونکي گڏيو مورڙو، واڳن جي وٽاڻ

مون مانگر جي ڪاڻ

ڏاڍا ڪيڍيا ڏاڪڙا

ڪلاچيءَ جا ڪن

موهن !تنهنجيءَ ماٺ ۾

ٻيڙين جا ٻيڙياتا

تنــن وينا تــن

ڪلاچيءَ جا ڪــن

موهن! تنهنجيء ماٺ ۾

سڙهه، ٻتيلا، ٻانبٽيون

الا، ٿين نہ ان (١)

ڪلاچيءَ جا ڪــن

موهن ! تنهنجيءَ ماٺ ۾

---

(١) ان ٿين = ذرا ذرا ٿي وڃڻ- تباهه ٿيڻ
مثال: مونکان پاسو ڪر، ان ٿي ويندين

روڙي گل رابيل

مٺيون پر نہ مينڌرا!

ٽٽندا چوڙا ٽاڪنان، پلي ناھي پيل

مٺيون پر نہ مينڌرا!

ملي ويندي مند تي، نچٽي آھہ نويل

مٺيون پر نہ مينڌرا!

نيٺ تہ ٽڙنديون ٽاريون، ڇاجي ھرکر ھيل؟

مٺيون پر نہ مينڌرا!

روڙي گل رابيل

مٺيون پر نہ مينڌرا!

ٽڪجي پيا ٽوهر

رهڙون ڏينديءَ روح کي

پوءِ بہ ٽوهر ساڻ گڏ، ٽڙي پيا ٽانگر

ٽر جي خالي ٽانو مان، اٿن ٽا اوہر

وسندا مينهن ملير تي، هن پيري هر، هر

ٽڪجي پيا ٽوهر

رهڙون ڏيندي روح کي

پالھو ماٺھوءَ - پيٽ

ڪيڏي ڏک ڏڪار جي!

خالي ھٿ خريف ۾، خالي سڄو ڪيٽ

ڪيڏي ڏک ڏڪار جي!

ويو برسائي بڪ ڪي، چوڏنرن مٿان ڇيٽ

ڪيڏي ڏک ڏڪار جي!

ڪڏھن گوريون گھاٽ تي، مڪي ايندين ميٽ؟

پالھو ماٺھوءَ پيٽ

ڪيڏي ڏک ڏڪار جي

ڪونهي واريءَ- ڪوٽ

آهن برج پنوائتا

هيڏي انت اپار ۾، آهين ڪيئن اروٽ؟

پسي ماٿو اوپرا، مان نہ چوندس موٽ

ڪڻ هي پنهنجي ڪيت جو، رکو سکو روٽ

ڪونهي واريءَ- ڪوٽ

آهن برج پنوائتا

ڳٽيون ڳوٺاڻيون

سرنهن جي ڦولار ۾

نگاهن جانينگريون، تيرَ وتن تاڻيون

ڳٽيون ڳوٺاڻيون

ڪنڊ، ڦوٽا، ڪير ۾، مکڻ جون چاٺيون

ڳٽيون ڳوٺاڻيون

وايون شاهه لطيف جون، نانڪ جون ٻاڻيون

ڳٽيون ڳوٺاڻيون

سرنهن جي ڦولار ۾

مگٹو مارايو

ڏڪائي ٿو ڏياچ کي

پاڳارن (۱) سان پڙن ۾، تند نه توڙايو

مگٹو مارايو

ماٺو مگٹھار ڪان، ڪو به نه ڪهرايو

مگٹو مارايو

اجوڪي انسان تان، گهوررون گهورايو

مگٹو مارايو

ڏڪائي ٿو ڏياچ کي

---

(۱) پڳ وارا- پڳدار

کھڙيءَ ويل ڪنار

ڪانيو ڪنڌ ڏياچ جو؟

منهنجو ڄڻ تو مگٽا! ڌڙ ڪيو آ ڏار

ڪيري منهنجي ڪنڌ تي، تنبوري جي تار

اجها نيري نيڻ تي، لهوءَ جوڙي لار

کھڙيءِ ويل ڪنار

ڪانيو ڪنڌ ڏياچ جو؟

ڪينجهر واري ڪڙ

تاڙي بيهو توبچي!

اچٽا هن اڏرات جو، بگريءَ ڪان بگهڙ

ايندا ماٺهو ماڳ جا، ناد وڄائي نڙ

ڪينجهر واري ڪڙ

تاڙي بيهو توبچي!

آهي اڪ ٺري

اجها ٻاھ ٻري

گمبٽ (۱) ۾ گرداب تي

توراڻيندا تارڙيون (۲) وٺجارا وري

تون پڻ اٿي ٺڙ تي، ڏيا ٻار چري

آهي اڪ ٺري

اجها ٻاھ ٻري

گمبٽ ۾ گرداب تي

---

(۱) ٻيڙيءَ جي وچ تي تري ۾ ڪناري، جنهن ۾ پاڻي ڀرجي ويندو آهي، جنهنکي وٽن سان خالي ڪيو ويندو آهي.
(۲) تارڙي يا تارلي مڇي، جيڪا قد بت ۾ هلڪڙي ٿيندي آهي.

اجان پنڌ پري

جت! نہ انڙا واڳيو

اوران سج نہ اڀري، ڪٿو وڪ ٻري

آڏو ٻر پوائنتو، ٻلي رات ٺري

اجان پنڌ پري

جت !نہ انڙا واڳيو

مارن منجهہ مران

جيان ٻي جگديش سان

سنڌو! تنهنجي سڏ تي

تکڙي سير تران

مارن منجهہ مران

جيان ٻي جگديش سان

الا، مان الهاس ڏي

وري شـــال وران

مارن منجهہ مران

جيان ٻي جگديش سان

ڏيو، آهيان ڏيهہ جو

ٻاهر پوءِ ٻران

مارن منجهہ مران

جيان ٻي جگديش سان

اوتيا مٽ ڪلال

پرندا ڏيا ڏات جا

پچندا در درياھ جا، جر وهندو جال

ڪانئر جي ڪيڪان (۱) ڪي، نينگر هٿندا نال

ڪاهي رسبو ڪاڪ تي، جڏهن پچندا پال (۲)

---

(۱) گهوڙو

(۲) پال وجهڻ ڪانپوء انبن جو پچي پوڻ

ٻاگهيون ، ٻهڳٽيون

مايون شهر الهاس جون

سيني سرجڻهار جي ، املهہ تو اٿيون

ٻاگهيون ، ٻهڳٽيون

مايون شهر الهاس جون

ڀنيراڪي ڀنيوريون ، باغن منجهہ پٽيون

ٻاگهيون ، ٻهڳٽيون

مايون شهر الهاس جون

چيٽيءَ جي چانڊاڻ ۾ ، ڪهڙا گل چٽيون!

ٻاگهيون ، ٻهڳٽيون

مايون شهر الهاس جون

ڪھڙا ڳڻ ڳٽيون!

هري! [١] تنهنجيءَ هند جا

اٿيون جي الهاس [٢] ۾، مونتي مينهن ڪٽيون

ڪھڙا ڳڻ ڳٽيون!

هري! تنهنجيءَ هند جا

واٽون گلن واسيون، ڦوهارا ڦٽيون

ڪھڙا ڳڻ ڳٽيون!

هري! تنهنجيءَ هند جا

ڪلا، [٣] پارو [٤]، پوپٽي [٥]، سيئي سنڌ- چٽيون

ڪھڙا ڳڻ ڳٽيون!

هري! تنهنجيءَ هند جا

---

(١) هند جو برک ليکڪ ۽ آئي وني جو آدرياءُ ڪنڙ هري موٽو اٿي

(٢) الهاس نگر- بمبئي جو اپنگر، جنهنکي اتان جي سنڌين پنهنجي پگهر جي پورهئي سان جوڙي تيار ڪيو آهي.

(٣) ۽ (٥) ڪلا پرڪاش ۽ پوپٽي هيرا نندائي، هندجون ٻه برک ليکڪا نون جن ۾ سندري ملانجي ته ته- لاڙهي موتين- مالها جڙي پوي.

(۴) پارو چاولا- راڳ- ديوي (منهنجي ڳوٺائي ٺاڪر چاولا جي گهر واري)

ڪيڏو ڪري پنڌ!
اريبم پاڻ اتم (١) کي

گهور ڪيان ان گهوٽ تان، توڙي گهري ڪنڌ

هت هزارين مامرا، هت نہ ڪوئي انڌ

ڏاتارن جي ڏيهہ ۾، ڪوئي ڦير نہ ڦند

هتي ماٺهو اوپرا، هو نہ اهڙو هنڌ

سيني برڻ، سنهانجڙا، سنڌوءَ جو سوڳنڌ

ڪيڏو ڪري پنڌ!
اريبم پاڻ اتم کي

---

(١) هند جو برک تخليقڪار ۽ پڙهيل ڳڙهيل اي جي اتم.

مکا هن موهن(١)

سنگت لاءِ سلامڙا

رتيون ، ماسا ، تولڙا ، ٹويا ، پاٹيون ، ٹن

مکا هن موهن

سنگت لاءِ سلامڙا

کايا ان کلتار جي ، کانو توڙي پن

مکا هن موهن

سنگت لاءِ سلامڙا

ايا تڙ الهاس جا ، منهنجو چپر چن

مکا هن موهن

سنگت لاءِ سلامڙا

(١) هند جو اعلي تخليقڪار، موهن ڪلپنا

منهنجا موهن کي

ساري ڏيج سلامڙا

لوڏ سجائي لاهجان، جهوليون پريه جي

منهنجا موهن کي

ساري ڏيج سلامڙا

هنيون منهنجو هيکلو، جهوريءَ منجه جهڄي

منهنجا موهن کي

ساري ڏيج سلامڙا

ڪنهنکي ان قريب جو، ڏوراپو نہ ڏجي

منهنجا موهن کي

ساري ڏيج سلامڙا

چنل گلڙو باغ جو، گلن سان گڏجي

منهنجا موهن کي

ساري ڏيج سلامڙا

اکيون ڪري پير

ارپيم پاڻ اتم کي

جيوت (۱) وڏا جهول ۾

ڳاڙها ڳاڙها ٻير

اکيون ڪري پير

ارپيم پاڻ اتم کي

نڪو پوءُ پنهور جو

نڪي ڏنگا ڏير

اکيون ڪري پير

ارپيم پاڻ اتم کي

لڪانڻو ان لوڪ جون

ساروٽيون سوير

اکيون ڪري پير

ارپيم پاڻ اتم کي

---

(۱) جيوت چاولا، جنهن وٽ گهاريل پرهه جهڙا پل زندگيءِ ۾ ياد رهندا.

پيرو پيچ نہ تون !

وٺجارن ڪان واٽ تي(١)

پوکيا گل گلاب جا، ميان! آهن مون !

پيرو پيچ نہ تون !

وٺجارن ڪان واٽ تي

اچي آد- جڳاد ۾، گوندر گڏيوسون !

پيرو پيچ نہ تون !

وٺجارن ڪان واٽ تي

اٺ نہ هنا اوپرا، ڏوران ڏٺاسون

پيرو پيچ نہ تون !

وٺجارن ڪان واٽ تي

پسيون، ڏننرا، پلڙا، پوڏيسر جي پون

پيرو پيچ نہ تون !

وٺجارن ڪان واٽ تي

---

(١) وڻس نہ وڃڻ ڪري، شيخ اياز جو ڏوراپي طور موڪليل پيغام (وائيءَ جي سٽ).

مونسان مڪائون

سنگت لاءِ سلامڙا

پائي ڳل ڳراٽڙيون، رت ٿي رنائون

ادا، پائو، پاڻڙا، سائين سڏيائون

نِنڊيون، وڏيون، نينگريون، سَهنجون ڪي مائون

ڪوڙين ڏيئي قربڙا، ٻولين ٻڌائون

پاتائون پريت جون، موتين- مالهائون

مونسان مڪائون

سنگت لاءِ سلامڙا

اجهو ڪي آيا

ماٺهو شهر الهاس جا

واسي ٿي وجود ڪي

ڪنهنجي آڪايا؟

اجهو ڪي آيا

ماٺهو شهر الهاس جا

ڏسي آيس ڏيهہ جي

ڌرتيءَ جا ڄايا

اجهو ڪي آيا

ماٺهو شهر الهاس جا

هريءَ هاسيڪار ها

ڇپر وڇا يا

اجهو ڪي آيا

ماٺهو شهر الهاس جا

ماٺهوءَ سان گڏ ملڪ جي

مٿي آ مايا

اجهو ڪي آيا

ماٺهو شهر الهاس جا

سنڌوءَ ڇاين ساڻ

گهاري آيس ڏينهڙا

پسان شال پنهوارڪو، وري سو وٽاڻ

ڪلا مٽ ڪلال جا، پره جهڙو پاڻ

سبيو جن سرير ۾ ، آزادي اهڃاڻ

سنڌوءَ ڇاين ساڻ

گهاري آيس ڏينهڙا

صبح سبايو

جورو مون جگديش (۱) جو

اڳٽ پيي اتهاس (۲) جو

آمون اٿايو

صبح سبايو

جورو مون جگديش جو

لکو لڪ سلامڙا

خط نہ ڪٽايو

صبح سبايو

جورو مون جگديش جو

نئون نياپو نينهن جو

ٻيو ڪو ٻڌايو

صبح سبايو

جورو مون جگديش جو

ڪيڏو ان ڪلتارآ

ناتو نڀايو

صبح سبايو

جورو مون جگديش جو

---

(۱) وڊيو اسڪرپٽس جو خاص ليکڪ، الهاس نگر جو رهواسي جگديش لچاڻي، جيڪو جڏهن منوهر بيديءَ سان گڏبو آهي تہ هڪ کير هوندو آهي ۽ ٻيو کنڊ

(۲) سنڌ جي روايت موجب هڪ اديب جي ٻئي اديب لاءِ سوکڙي. سنڌ جي روائتي عشق محبت جي داستانن بس مونکان اهائي سوکڙي تيار ڪرائي آهي،

آيو هان آئون

هري ! تنهنجيءَ هند ۾

تولئي سو سلامڙا ، مونسان مڪائون

جاني! وجهي جهول ۾ ، آيس آشائون

ٽڏي هير ٽرن جي ، نمن جون ڇائون

سرهو پاڻي سنڌ جو ، آندم اتائون

آيو هان آئون

هري ! تنهنجيءَ هند ۾

ڪڏهن تون ڪمل! (١)

سهڻا! ايندين سنڌ ۾؟

آهين آد - جڳاد کان، اسان ۾ ادل!

ڪڏهن تون ڪمل!

سهڻا! ايندين سنڌ ۾؟

سوين ڏيانءِ سوکڙيون، ڪوٽيون ۾ ڪنول

ڪڏهن تون ڪمل!

سهڻا! ايندين سنڌ ۾؟

انب، ليمان، ڦاروان، موتيا ماڪ - ڀنل

ڪڏهن تون ڪمل!

سهڻا! ايندين سنڌ ۾؟

پڙهيا هن پرڀات جو، اسان انگ ڊٺل

ڪڏهن تون ڪمل!

سهڻا! ايندين سنڌ ۾؟

---

(١) ڀارت ۾ غزل جو بادشاهه نه، پر وڏو وزير ايءِ - ڪمل.

بيوس ۾ بجاج (۱)

ٻول وساريو ٻن جو

ڪيڏو ڪنهنجي پيار جا، ماڻهو (۲) هن محتاج!

بيوس ۾ بجاج

ٻول وساريو ٻن جو

موهيو مگٽهار کي، راجا جي رواج

بيوس ۾ بجاج

ٻول وساريو ٻن جو

گرو، چيلا ! گڏ ٿيو، ڪيو سڏ سماج

بيوس ۾ بجاج

ٻول وساريو ٻن جو

---

(۱) الهاس نگر ۾ جگديش وانگر منهنجي ٻي ڏوهيءَ دل کي پيار جي دام ۾ گرفتار ڪندڙ، هڪ ٻيو سائي- ڪرشن لال بجاج

(۲) شاعر جو پاڻ ڏانهن اشارو

مون ۾ آهه مهڪ

اجان ٻي الهاس جي

جتي رت رابيل جي، جتي ڦٽن اڪ

مون ۾ آهه مهڪ

اجان ٻي الهاس جي

اڄ ڪلهه جي انسان جا، ٽڙيا جت ٽهڪ

مون ۾ آهه مهڪ

اجان ٻي الهاس جي

ڏول پريندي ڏٿ جا، ميڙي ٿڪس مڪ

مون ۾ آهه مهڪ

اجان ٻي الهاس جي

گهمي گس گرنار جا، ٿر ۾ لاٿم ٿڪ

مون ۾ آهه مهڪ

اجان ٻي الهاس جي

مون سو پيتو مڌ

جنهن ۾ سرت سرير جي

سري آ ساڄو ڪيو، اندر منهنجو اڌ

مون سو پيتو مڌ

جنهن ۾ سرت سرير جي

ڪيرت (۱) پاڻ ڪلال آ، وارو تون ٻيي وڌ

مون سو پيتو مڌ

جنهن ۾ سرت سرير جي

هاڻي هر تخليق جو، ڪيڏو آهي قد

مون سو پيتو مڌ

جنهن ۾ سرت سرير جي

---

(۱) هند جو برک تخليقڪار، ڏاهو ۽ مون جهڙن نندڙن سان پيار ڪندڙ مانوارو ڪيرت ٻاٻاڻي

آنند وڻان نند (١)

سوين مليا سوکڙي

هر ڪنهن ماٺهوءَ کي هتي

ڪيڏا آهن ڪنڊ!

آنند وڻان نند

سوين مليا سوکڙي

اٿيا مون ارواح ۾

پاٺياريءَ جا پنڌ

آنند وڻان نند

سوين مليا سوکڙي

نسري پيا ننڊ مان

هو پيٿيون، هو هنڌ

آنند وڻان نند

سوين مليا سوکڙي

(١) نئين ڪوتا جو سچاڻ شاعر ۽ نقاد - نند جويري

ٺاڪر (۱) پري ٽال

هيرا ، موتي ، لال

گهر ، گهر توتان گهوريا

ڏنم پنهنجا ڏينهڙا ، صديون توڪي سال

سکيو هجئي ساٿڙو ، ڪير نہ ڏسي ڪال

مومل (۲) سوڍو ميندرا! جڳ جڳ جئين شال!

ٺاڪر پري ٽال

هيرا ، موتي ، لال

گهر ، گهر توتان گهوريا

(۱) شري ٺاڪر چاولا (منهنجو ڳوٺائي) جنهنجي سِرِ شاهہ ، سچل ، سامي سيمينار ۽ انڊو- سنڌ مشاعري جو سهرو ٿو سونهين.
(۲) ٺاڪر چاولا جي گهر واريءَ (منهنجي ڀاڄائي) ڏانهن اشارو

ڏئي ڪو موٽائي

راتيون شهر الهاس جون

ڪيڏو ويئي ڪلپنا

تن من تڙ پائي!

ڏئي ڪو موٽائي

راتيون شهر الهاس جون

ڳالهيون ڪنهن تہ ڳهير جون

ويو ڪو ورجائي

ڏئي ڪو موٽائي

راتيون شهر الهاس جون

ڪو تہ اسانجي اڻ جي

سٽ ڪي سلجهائي

ڏئي ڪو موٽائي

راتيون شهر الهاس جون

مون ڪيرت جي ڪاڻ

پوکيا گل گلاب جا

سرو سپن- گاڏئون (۱) ڇاٽيءَ منجهه نہ ڇاڻ

آندي تہ الهاس ڪان، هيءَ هيرن جي ڪاڻ

جتي ڪيٽ ڪٽوريا، ساهن جيءَ سرهاڻ


مون ڪيرت جي ڪاڻ

پوکيا گل گلاب جا

---

(۱) اهو شراب جنهن ۾ نانگ ٻري ويو هجي. موکيءَ جي ان مٽ ڏانهن اشارو، جنهن ۾ نانگ مري ويو هو.

ثـ - سثا



كاريءَ مان خاصا

مالهڻ گل رابيل جا

اسانکي آڇيا

* *

پکي ٿو ٻولي

ٻن پهرن جو ٻير تي

خط پيو کولي

* *

هي سرمائي شام

سامنهن شور سمونڊ جو

آ ٽڪرايون جام

* *

کيڏا گل ٽڙيا!

مالهڻ! تنهنجي مک تي

کٽٿار کڙيا

* *

ڪٽڪن جا تيلا

پرسان گل پتر جا

پيلا ڙي، پيلا

* *

ترن جون ٻوليون

پريان هن پترءَ کان

سنڌوءَ جون ڇوليون

* *

ڌاتوري جا گل

اٺيهينءَ اڌرات جو

ڀڪيا نير- ٻڌل

* *

ڪچن ٻيرن ڪاڻ

ڇورا! هٽي ڇاپڙون

ساوا پن نہ ڇاڻ

* *

كنول - گـل ٽـڙيـو
جڏهن مٿان ڏنـڊ جي
آڏيءَ چنـڊ ڪـڙيـو
* *

سڄڻ! تنهنجي سار
ڪاڇي مٿان ڪونج جي
آڏيءَ رات اڌار
* *

سهڻيءَ جي سانگي
ناڪا! ننڊ ڦٽائيـو
وري پـر وانگـي
* *

پرين ! تنهنجا پار
ٽيڙوءَ جهڙا ٽـ- سٽا
گل، اکيون ۽ وار
* *

رتــــاوان رابيـــــل
مالهڻ! تنهنجي مکـ تي
هيئــن چــو ڦتا هيـل؟
* *
ٽاهــڙ تتـرن جيئـن
پاريهر تــو پـاليـا
ڪامڻ! آهن ڪيئـن؟
* *
تتر ٽــا ٻــوليـن
گوري! تنهنجي گج جا
ڳـتا ٽـا ڳولهيـن
* *
ڪڍ نہ اکيون ڪانگ!
جن ۾ آهن جهڙ جا
سارنگ ڪيا سانگ
* *

وات پٽــي واڳــون
ڏانئن جهڙا ڏند تــو
ڪرٽي ڪالهاڪــون
**

ڪنيــارڪــو هــٽ
ناهي دوزخ، بهشت ۾
ايــڏي وڏي وٽ
**

هــت پاڻــي ۽ اڃ
دوزخ توڙي بهشت ۾
هــونــدو رانــو رڃ
**

گــارو ڪيــن گــڏاڻ
ڪنير ! چاڙو چڪ تي
چيڪيءَ جو ڪو چاڙهه
**

اهـــي اڪ- ڦليـون
گجر! منهنجي گيت ۾
اجهو ڇاڻ ڪليـــون

* *

ڪلي هڪ ٽيـون
قطرن وانگي سمنڊ ۾
مـلي هڪ ٽيـون

* *

ڪهڙي سونـاري
پرنيو آهي پٻ تي
ڳاڙهو سج ڳاري؟

* *

جڏهن آئي شـامُ
هاري وئي هالار تي
رت جا پيريل جام

* *

پيچـاريءَ (١) پڄنــدو
ڪلا! تنهنجي ڪانڌ تي
وڏ- ڦڙو وسنـــــدو

* *

ڪيـــرت ٻاٻـاڻـي
ڪريو منهنجيءَ ڪلڪ مان
اڪيـن جـو پـاڻـي

* *

جڏهن ڇلڪيـو جـام
موڪيءَ ڪيو مڌ مـان
صبـــح جـــو سـلام

* *

ٻن - ڇڻ واري شـام
عمر! (٢) اچ اياز لـيءِ
جوڙيـون ٻٽـي جـام

* *

---

(١) دڙيِ پرسان واھ، جنھن ۾ ننڍي هوندي موتي تڙ ڪندو هو،

(٢) رباعيءَ جو اساسي شاعر-عمرخيام

نارايڻ شيام (١)
مٺي ڳوهي مڌ ۾
جوڙيا ويٺي جام

* *

نارائڻ جو نانءُ
لکيو لوح قلم جو
چڻ تہ آهيان آنءُ

* *

ٽٽا وٿن - ڏار
مارونڙا مليرجا
ڏکجي ٿيا ڏار

* *

ڪلا ۽ پرڪاش (٢)
سرجيا منهنجيءَ سنڌ مان
ڌرتي ۽ آڪاش

* *

---

(١) هند جو برک شاعر
(٢) ڀارت جا ٻہ برک زال- مڙس تخليقار- ڪلا پرڪاش ۽ موتي پرڪاش

شڪاگو مان چو نہ
چوندي گل گلاب جا
تازا آندا تو نہ؟
* *

شڪاگو جي شام
ريٽي رتو- چاٺ ۾
لڙئي سج جي لام
* *

ڇهاسيءَ جوشور
ستاسيءَ جو سال آ (١)
يا ڪو ٽر جو مور؟
* *

چاٺو تو ڳولهيان
آءُ تو ۾ ايترا!
ماٺھو تو ڳولهيان
* *

رڙ ڪري راڪاس
ڪوري ويو ڪنڌ تان
ماٺهوءَ وارو ماس
* *

واڍي وڻ وڍيو
يا ڪنهن آهي ڪرٽ سان
منهنجو ڪنڌ ڪپيو
* *

(١) (١٨٨٦ء)، مزدورن جي عالمي ڏينهن ڪانپوءِ ١٨٨٧ء ۾ دنيا جي مزدورن چوٽڪاري جون ڪهڙيون ملهايون هيون.

ايندو پٽاڻي
منڍا پاڻي من ۾
ڳائيندو وائي
**

جيڪي آءُ پيان
ڪاتي عمر خيام جي
لڪي ڇڏ ميان!
**

ادا ، عمر خيام!
مرڪون ڳڏي مڌ ۾
ڪنهن نہ پياريا جام
**

جام نہ ڇلڪايو
موکي ستي آ مڌ ۾
هوريان ڳالهايو
**

ڪٽي ويا ڪوهه
سڪو پاٽي سر جو
رت چٽانڪا روح

* *

هڻ وڻ جا ڏار
ٻيگا جي ڀونچال ۾
ڪپر ڪيندا پار

* *

هڪ گهر اڏايو
مندر ۽ مسيت کي
ڊاهيو ڙي، ڊاهيو

* *

وٺ نہ ڪا وسندي
ڏکيون ! سنڌ - درياءَ کي
روڻ نہ ڪا پوندي

* *

اڏيو آ الهاس
جوڳيئڙو هن جوءِ جو
ناهي ڪو نراس

**

پلي آئين پاءُ !
اسانجي اوطاق آ
جتيءَ سوڌو آءُ

**

اسانجو ٿيندين
گهوري سر ساٿيهه تان
ڏاهر جيئن ڏيندين؟

**

وڻ، وڻ واهيرا
وهين جا وڻڪار ۾
ابتا آڪيرا

**

مس وٺو آ مينهن

ڏوٿين ڏهر ڪيڙيا

پاھڻ منڌ ! نہ پينهن

**

جڏهن پچندا هير

خوشبوءِ ۾ ڪٺوربا

ڌرتيءَ جا دگ- سير

**

گهٽائون گجيــون

اچـان انتظـــار ۾

ڪڙھ تي ڪجيون !

**

پچاڙيءَ جا ڏينهن

وڏايل وٽڪار تي

جڻ پيا وسن مينهن

**

ڪلهي ۾ ڪينر
ڪيئن نہ منگين مڱڻو
روٽي، اوڇڻ، گهر

* *

هن ڍنڍ جو نير
سيني وٽان سڄ ڪي
ڄڻ ڪنهن ڏنو جهير

* *

هن ٻيلي جا وڻ
پرهہ ٽيندو پڌرو
وڍيا جنهن ڍڪڻ

* *

هن ٻڙجيءَ ڇانو
تاسارا تخليق جا
ڪيا تڏيرا ٿانو

* *

ميـــان ! مـج كـٺـــي
آخر جهونـي ٻڙجـــا
وينـــدا پـــن ڇـٽـي
* *

واهيري جيءَ ويــل
ماري ! هن مڙهيءَ مان
مار نہ پکـــي ٻيلـــهہ
* *

گل نہ آڻي ڪيـــر !
ويا لٽجي واءُ تـــي
آرائـــن جـــــا پيـــر
* *

ويساهيـــا وٺڪـــار
پکيئڙا پرڏيهہ جـــا
ماري ! ايئن نہ مار
* *

واڊيـــون ورينـدي
اچي وار اچـا ٽيـا
ڏارا ڏريـنـــدي
* *

اڏري ويـا ڳيـرا
رهجي ريتيءَ تي ويا
پکين جـا پيـرا
* *

پوئين چـار ڇمـار
آنڌيءَ املتاس جـا
ٽــوڙي وئــي ڏار
* *

عمـر وئـي گــذري
پاٽيءَ جي تلاو تان
هنـــج ويـــا اڏري
* *

کنڌيءَ جھليو ٻور
ڌرتيءَ چنيون اوڍيون
چنڊ ! نہ رھجي ڏور

**

هو ڏاڙهونءَ جو وڻ
ڪڏهن منهنجيءَ ڪلڪ ۾
ڦٽندو آهي ڇڻ

**

ڪراچيءَ جو ڦڌ
ڪڇين پيا ڪاٺوڙ ڪان
متارا پـي مڌ

**

اڳ نہ ايئن ڏٺو
گھر ڦري گھارا ٿيا
مٿان سج لٿو

**

ويساهيا وٺن
پکيئڙا پرڏيهہ ۾
کھايا کٺن

**

آٿي اڌارو
اڃان جوٽي جنڊڙو
ڏري پئي ڏارو

**

ايڏي اونداهي
ڏيو وينا ڏينهن جو
فکر کي ڦاهي !

**

ماٺو ! تنهنجو ماس
تازا کنول ڍنڍ جا
چندن جهڙو واس

**

اسان وٽ ايندين؟
ڪڻ تون قسم سنڌ جو
واپس نہ ويندين
**
اسان وٽ اڇجانءِ
ڪلهي پائي ڪينرو
پيرو نہ پڇجانءِ
**
وسندو وڏ- ڦڙو
ڪٽي ايندي ڪوهہ تي
گجر ڪا گهڙو
**
منهنجي ئي زبان
سکڻ ايندا سرڳ ۾
حورون ۽ غلمان
**

سانجهيءَ جي ويلا
ڪانگن ڪانگيرو ڪيو
پرن تا پيلا

**

ڪنهن نہ ڪوڪاريو
اوهين پچا روهہ مان
ڪونجون ! اٿاريو

**

گڏ پيو گهوري
ڪل ۾ جيڪي ڪوڙڪا
پيري ٿو پوري

**

وهي وڳر ويا
مندر ۾ مسيت ۾
پريا ڪين ڏيا

**

ڏس هي ڳوڙرو ڏار
ڪيڏو آهي ڪيوڙي
ٻير ! جهليو بار !

**

تتر ٽا ٻوليـن
گجر ! تنهنجي گج جا
بکيا ٽا ڪوليـن

**

لٽو آهـي سـج
ماٺهو موٽـي آئيـا
ٻنيءَ گـڏي ٻـج

**

سانئڻ ! سج لٽي
سرمون هن سمونڊ ۾
ويو ڪير گڏي ؟

**

لڪيءَ جا چشمان
گجر ! تنهنجي گج ۾
ڏسان وينو مان

**

سنڌوءَ ۾ پاڻي
نيرا پکي ناءُ تي
مرڪي مهاڻي

**

ڪنڊيءَ ٻور ڪيو
ڌرتيءَ چنيون اوڍيون
ٽر ۾ ساهه پيو

**

ماٺهن ۾ ڦر- ڦوٽ
اڄ تان موٽي سچ ويو
ڪوڙ چڙهي ويو چوٽ !

**

شڪاگو جي شام (١)
پکين ڪولي پرڙا
اجها ڪئي اڏام

**

شڪاگو جو شان
ملي آ مزدور کي
ماني ۽ مڪان

**

پڳل ٻانهون، وڍيل پير
ڪارونجهر کي اکرڻ خاطر
اٿندو آهيان آءٌ سوير

**

مهڪي آهي ٻوڻ ٻلوڙ
تبديلين جا
پيرون پچندا ڪانئر ڪوڙ

**

(١) ٻهرين مئي ١٨٨٦ء (مزدورن جو عالمي ڏينهن)

بينجمن (١) جو ماس
رليو ريواگرانڊ ۾
ڏسي پيو آڪاس

* *

پرسان سنڌ - درياءُ
آيو ماهہ اسوءَ (٢) جو
هنج ! اڏامي آءُ

* *

ڪراچيءَ کان پو
گهڙندو ڦاسيءَ گهاٽ ۾
سچ نہ هوندو سو

* *

آهين ڏوهاري
ڪيرايا ٽي ڪارڙا (٣)
مار پوئي ماري !

* *

---

(١) بوليو يا جي آزاديءَ لاءِ گوريلا جنگ ۾ وڙهندڙ چي گويرا جو ساٿي، جيڪو ريواگرانڊ نديءَ ۾ ٻڏي مئو هو.
(٢) سنڌو ڪنن ڪر وهندي آهي ۽ ڏينهن ڏورن ۾ تازو پاڻي داخل ٿيندو آهي.
(٣) ڪارڙا تتر

انقلاب، انقلاب
شام آئي، وري
روح ڇيڙيو رباب

**

انقلاب، انقلاب
گل ٻڄي ٽڙيو
مون لڏو جو ٻه خواب

**

انقلاب، انقلاب
رت جو ريج ڏئي
پوک گهر، گهر گلاب

**

ٻيھـــر ھــڻ نہ ٻيـــر ۾

پينڊ ڪٽي بـاڪـاٽـــڙي

ڪنياتـــن واريءَ ڪيــر ۾

**

مـــاٺـھـــو حيـــات آ

ھڪ ماٺھپو ئـي آھـــي

جـــو بـــي ثـبـــات آ

**

ھــــن ڪـــائنـــات ۾

ڦٽندو فڪـــر رھيٽو

ھـــر ڏينھـــن رات ۾

**

زنـدگـــي ثبـــات. آ

جوئر، ڪـڻڪ، ٻاجھري

موت ڪــان نجـات آ

**

تاجــل! تنهنجي بات
دل جي نيري اڀ مٿان
ڪونجن جي ڪٽڪات
* *

تاجل تنهنجي ريت
جڻ تہ پهاڙي پنڌ ۾
ويجهو من جو ميت
* *

تاجل! تنهنجو سڏ
پڙاڏو ٿيندو اوس
پاڻ سدائين گڏ
* *

تاجل ! تنهنجي تات
منهنجي من ۾ پيي لڳل
مور نہ ڪائي مات
* *

سنـڌ اسـانجي جـان
نرمل جنهنجي نانو تان
پيڙهيون پيي قـربـان
* *

اوس ايـنـــداسيــن
تاجل ! تنهنجيءَ سنڌ ۾
گــڏجـي رهـنـداسيـن
* *

موتي پرڪاش

تاجل ڏانهن

(راڳ جي راڻي عابده پروين هٿان ڀارت جي برک شاعر موتي پرڪاش جا دبئي مان موڪليل ٽه سٽا)

تاجل، منهنجا ياءُ!
ڏور اسانجا ڏيهه پر
ساڳي پنهنجي ماءُ
**

تاجل! تنهنجو ڏيهه
پنهنجو ئي ساڳيو اهو
ڪيئن ٿيو پرڏيهه!
**

تاجل! تنهنجي سنڌ
تنهنجي ڄم کان ئي اڳي
جنهن سان جڙيل جند
**

تاجل! تنهنجي ذات
ڄڻ چانڊوڪيءَ رات ۾
بلڪل چپ چپات
**

تاجل! تنهنجي سار
اڻ- ڏٺي اوتار جي
برپٽ ۾ پٽڪار
**

چو - سنا



هن ڏات کي مات نہ اچٽي آ
تون پال پلي پرمارن کي
ڇا ڪوئي سگھيو آ قيد ڪري
ڪنھن گيتن جي بہ اڏارن کي؟

* *

مان جيڪي گيت اڏاريان ٿو
ٿا پيڇو ڪن پرمارن جو
ڪن روءِ ڇني رابيلن جي
ڪن ويس ڏکيو وڻجارن جو

* *

رات اماس جي، ڏور ڪنارو
ڏيھ سمھي پيو، ڏات اڏاٽي
منھنجي ڪوريءَ ھر ڪوتا ۾
ڏينھن ڦٽي پيو، رات اجھاٽي

* *

ڪوڙا پاڇا، ڪوڙا سپنا
چنڊ ڪڙيو، چانڊاڻ نہ آھي
ڪوري ڪاغذ تي ڪوتا جو
رت اڙھو، ڳاڙھاڻ نہ آھي

* *

هيءَ، تصوير آهي نا مڪمل
۽ پاسي ڪان آفريم ٽٽل
جو ڇهري کي مرڪون بخشي
سو شايد آهي رنگ ڪٽل
* *

ييرو پيچ نہ تون
وڻجارن ڪان واٽ تي
ميان ! آهي مون
گهر آڏايو گهاٽ تي
* *

ڪهڙي آزادي اها!
جنهن هنج پاڻيءَ ڪان ڇنو
ڪنهن شهر تي ڇاپو لڳو
ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪو ڳل ڇنو
* *

اگر پڪڙي ڏات پڇايو
توئي مونکي سيٽن تائين
منهنجي من ۾ سچ پريو تو
ننهن- چوٽيءَ ڪان نيٽن تائين
* *

ڏات پيارِيا ڪالھہ بہ مونکي
شعر سخن جا ڪير- ڪٽورا
هيل ڪويءَ وٽ سانوڻ رت ۾
ريت بہ ڪوري ، گيت بہ ڪورا

* *

هيءُ لڙهندڙ ڪوئي لاش نہ آ
جو واڳن جو بہ ورهاڱو ٿئي
هيءَ سنڌ آهي ، سهڻي ناهي
جا بحر ۾ ڀاڱو، ڀاڱو ٿئي

* *

جي سنڌ جا ٿيا هن سوداگر
سي هن نگريءَ مان نڪري وڃن
پل ڳيرا جوڙين آکيرا
جي عقاب آهن سي اڏري وڃن

* *

هن قوم جي ڪهڙي منزل آ ؟
هن قوم جو ڇا مستقبل آ ؟
ان قوم جي ڪا تعريف ڪيو
جا علم جي هوندي جاهل آ

* *

چنڊ گهڙيءَ گهڙيءَ ٿو گهاو ڪري
هن انب جي ٻوڪيل ٽارين مان
هوءَ اچٽي آ، هوءَ اچٽي آ
هن ٻج جي ڪيريل ٻارين مان

* *

هوءَ ڪنهنجي باغ جي مالهڻ آ
جا بيٺي آهه گلابن ۾
۽ گجرا پائي ايندي آ
هر وقت ڪويءَ جي خوابن ۾

* *

جي مون جوڙيا رت ڪان ريٽا
ٿي پيا جڻ بندوق جي گولي
جن گيتن ۾ گلڙا پوڪيم
سي ٻڌجي پيا منهنجي ٻولي

* *

مون انساني آزاديءَ جا
جي ڪالهه ڦريرا ڦڙڪايا
سي ڪير لفنگا لاهي ويا ؟
جي جان ڏئي مون جرڪايا

* *

ڪنهن گوريلي تي گيت لکي
مان ٽاندڻ منجهه ٽڙي پيو هان
جڻ ڪارونجهر جي چوٽيءَ تي
مان چنڊ سان گڏ ڪڙي پيو هان
**

هوءَ جيپ جا ٻولي ٿي
منهنجي نئي وڏيل آهي
هوءَ رت جا ٻڙڪي ٿي
منهنجي نئي اڙهل آهي
**

جنهن ديس ۾ ڪات رڏن بدران
ماڻهوءَ جي ڳچيءَ تي وهندا هن
ان ديس جو ڪهڙو خير گهران
جت ماڻهو ڏڳن جيئن رهندا هن
**

چوءُ واٽن تي تيل چڪائي
آءٌ ڏياٽيون ٻاري ويندس
پاريهر ڪان پياري هوندي
جا ٻه گهڙي مان گهاري ويندس
**

مان ڌرتيءَ جو ڌاڙيل آهيان
مان ويهين صديءَ جو ڌاڪو هان
جنهن ديس ۾ جڪرا ڇمندا هن
ان ديس جو مان ٻه رهاڪو هان
**

جنهن ڏيهه ۾ ماڻهو ڏنيري جيان
ٿو ترجي تيل ڪڙهائيءَ ۾
سو ديس اسانجو دلبر آ
جت شان وڏيٺو ڇانيءَ ۾
**

مان ڦوڪن ساڻ وسايان ٿو
جا جابر! باهه تو ٻاري آ
مان پنهنجي ليکي ڪجهه ناهيان
هيءَ ذات پٺانيءَ واري آ
**

مان گيت لکي گوريلن جا
ٿو ڪلڪ ڪلاشنڪوف ڪيان
هي گل نه آهن گجرن جا
مان رت مٽان ٿو توف رکان
**

اي ٽمنڊڙ سج ! ٽپهريءَ جا
تون ڏيهن جو ڏاتار آهين
جنهن مصور توکي جوڙيو آ
ان مصور جو شهڪار آهين

* *

مان سرسوتيءِ جو سورج گل
تو پريميءَ جو پوڄاري هان
اي سورج ! منهنجن سپنن ۾
تون ڏاهر مان ڏوهاري هان

* *

پرهه ڦٽي ٿي، رات کٽي ٿي
ماڪ- ڦڙن تي سج ٿو اڀري
ڪينن نه لڪان مان گيت گلابي
سرسوتيءَ تي هنج ٿو اڏري

* *

منهنجو ملهه ڪٽڻ ڪان اڳ ۾
منهنجو نانءُ وٺي ڏيکار
ڪوڙ ڪپت جا ڪنڪر ميڙي
سچ جو ٿانءُ پيچي ڏيکار

* *

ماري هن وٺڪار جا پنڇي
منهن- اونداهي ماري آيا
وڳر سياٽي ڪاٽي وهندا
ڪاٽي ٽاري، ٽاري آيا !
**

پوکي راهي پنهنجي آهي
سئي ڏاڳي ۾ اوٽيءَ تائين
سنڌ جي سونهن سلامت رهندي
ڪارونجهر جي چوٽيءَ تائين
**

منهنجن ساون کيتن مان تون
آمر يار! هلي ڏيڪار
هن بستيءَ مان وردي پائي
گهوڙيسوار! هلي ڏيڪار
**

تون ڏيهه سڄي جو ڏوهي آن
سڀ ماڻهو توتي دانهن ڌا
جي ٻاڻ پٽي تو پاليا ها
سي ڪتا توتي ٻانهن ڌا
**

جو مٽ ڏسو ٿا خالي آ

ان خالي مٽ کي پرٽو آ

جو رشتو روز ازل جو آ

ان رشتي ڪارڻ مرٽو آ

**

هن ماڻهوءَ ۾ محبت ناهي

هي ماڻهو ڄڻ ته اڌورو آ

جو پيلا مٽ ٿو تيار ڪري

سو باهه جو پرندڙ ڪورو آ

**

کهڙي پار جو ماڻهو آهين؟
منهنجو ملهه لڳائڻ وارا
هن بستيءَ ۾ ڪيئن رهين ٿو؟
ڪنهنجو ديپ وسائڻ وارا
**

هي روح صدين جو سيلاني
هي روح ڪٿي به نه رهٽو آ
اڄ هن پيري هي عهد ڪيون:
هو ڪارونجهر به اڪرٽو آ
**

هو سڀ ڏاتار ڏسي وٺ تون
جي آڌيءِ رات اسهٽا هن
جي هن پيري به ابهرا هن
سي ٻوڏا هن سي ٻهٽا هن
**

اِهي سوڍا ماڻهو سنڌڙيءَ جا
سڀ آزاديءَ ليءِ آتا هن
سي گونگا گهر نه ڇڏيندا هن
جي ٻوڙا توڙي ٻاتا هن
**

نثری
نظموں



(٥)

جنهن وقت بليڊ سان چهڪ ڏئي، آسمان کي
ڪيرٿر وٽان رتو ڇاڻ ڪيو ويندو آهي، ان وقت
سنڌ ۾ شام ٿيندي آهي.

(٦)

ڪامريڊ! انهن بوتلن کي ڪاٻاڙخاني ۾ اڇلي
ڇڏ. سنڌ جا ٻار ”وٽن“ ۾ ڪير پيندا آهن.

(٧)

سچ، سچ ٿيندو آهي، پوءِ ڀلي اچن اجرن هنجن
تي اپري، يا ڪارن ڪانگن تي.

(٨)

اي شاعر! ٻين تي بيهي، هٿ اپو ڪري، اپ مان
رابيل جا گل نه پٽي ڏيندين؟

(٩)

اي پالڻهار! جونئا نه ڌرتيءَ کي خلقي، ڌرتيءَ تي
پهريون گيت تونئي لکيو هو- مان ان ساڳي ڌرتيءَ
تي گيت لکندو رهندس، اي پالڻهار! جيستائين
وري توکي پنهنجو قلمدان ياد پوي.

(١)

زندان ۾ رابيل پوکي، خوشبوءِ کي قيد ڪرڻ ٿو چاهين؟

(٢)

تنهنجي شاعريءَ جي ڪئنواس تي اهو ڪير آهي، جنهنجا پير وڍيل آهن ۽ پوءِ به ڪارونجهر پيو اڪري؟

(٣)

تنهنجو ديس؟
"اها ڌرتي، جتي ڪو به ڌارئي جي زبان نه ڳالهائيندو آهي."
* *

(۴)

هي منهنجو ديس آهي، جتي آوارا ڪتن کي به روٽي ملندي آهي.

(۱۵)

چوري! تو هٿن تي مـينديءَ پوکي آهي ڇا، جو منهنجن گيتن ۾ به مينديءَ ڦٽي پئي آهي؟

(۱٦)

اي دوست! صبح ٿو ٿئي، ملان جي ٻانگ تي ته تو اک نه کولي، مل جو گهگهو پيو وڄي، هاڻي ته مٿي هيٺان ٻانهن ڪڍ.

(۱۷)

اکيون لڪيءَ جا جاڙا چشما، نڙيءَ مان پاڻي ٿو ڏسـجي، ڳلن تي شـفق هاريل، ڇاتيءَ تي سانوڻيءَ جي اٿل- منهنجي محبوبا! تون پاڻ ٻڌاءِ ته پوڄاريءَ وٽ پوڄا لاءِ اجان ڪهڙي شيءِ جي ڪمي ٿي سگهي ٿي؟

(۱۸)

شـاعـري ڪندي، هڪ اهڙي دنيـا تخليق ڪر جتي اڳي ڪنهن پير نه پاتو هجي.

(١٠)

ان وشال آسمان هيٺان منهنجي هن ٻاريل ڏئي جو قد مونکي هماليا کان به اوچو ٿو لڳي.

(١١)

وٺن کي زبانون هجن ها ته مخدوم بلاول جي هڏڙن جي ٽڪائن تي ضرور احتجاج ڪن ها.

(١٢)

ڪاري ۽ گوري جي ذهن ۾ نيٺ تون به ڦاسي پئين! بليڊ جا چهڪ ڏئي، ٻنهي جي رت جو رنگ ڇو نه ٿو ڏسين؟

(١٣)

چونٽا ته جنهن ڪٽاري سان ٻيجل ڏياچ جو سر وڍيو هو، ان ڪٽاري جي ڦر تي گل ٽڙي پيا ها.

(١٤)

سمنڊ ڪينئن پيو لڳني؟

"هن سرمائي ۽ ڳاڙهـ- سري شام ۾ موڪيءَ جو سينگاريل دڪان."

(۲۳)

بکيو ماڻهو بہ پنهنجن وڻاڻن ۾ سئو لڳندو آهي.

(۲۴)

مائيڪل انئجلي سقراط کان پڇيو: " اهي ڪهڙي مٽيءَ جا چاڻا آهن، جن مان فرشتا الله جو بت پيا جوڙين؟ " سقراط وراڻيو: اها سنڌ ڌرتيءَ جي مٽي آهي، جنهن مان پٽائيءَ جو سرير جڙي راس ٿيو هو."

(۲۵)

اي پوڙها: تنهنجي ڇهري جا ڪي اهڙا ورق بہ رهجي ويا آهن، جنکي اڃان تائين ڪنهن نہ پڙهيو آهي.

(۲٦)

موکي مٽن ۾ مرڪون اوتيندي رهي، متارا پئندا رهيا، تانجو سورج شاخون ڪڍيون.

(۲۷)

اي مغني! تون ڳائين ٿو تہ ڪيئي ڳجريون مٽن ۾ ميٽ پائي، منهنجي شعور جي گهاٽ تي تڙڳن ٿيون اچن. اڄ تہ چنڊ ڪتين سوڌو لهي آيو آهي!

(١٩)

پاڻي، پاڻي ٿيندو آهي، پلي اهو تنهنجي شاهي دستر خوان تي رکيل هن چانديءَ جي ڪٽوريءَ ۾ هجي، يا ساون وڻن هيٺان وهندڙ منهنجي هن واهيءَ جو.

(٢٠)

مار، اڄ تہ تنهنجي شاعريءَ مان ڪير جهڙو اڇو اجرو صبوح ڦٽي پيو آهي!

(٢١)

جڏهن امان سانئڻ جي موت جو پڌو هئم، تہ ڌرتيءَ جو گولو مٽر جي داڻي جيترو نظر آيو هو.

(٢٢)

ارتقا جو بہ هڪ لمبو سفر آهي. مهاڀارت ۾ عورت کي ٻرندڙ باهہ، ڇريءَ جي ڌار، زهر جو پيالو ۽ نانگ سڏيو ويو آهي. اڄ جي شاعر عورت جو ٻيو نالو، سونهن، رکيو آهي.

هائو، مان نارائڻ شيام آهيان. منهنجي سرير کي سنڌ جي مٽي ۽ پاڻيءَ مان جوڙيو، منهنجي امڙ مونکي قاسم ڪاهيءَ ۾ جنم ڏنو هو. مان هر دؤر ۾ شاعر جو روپ وٺي، هن ڌرتيءَ تي ايندو رهندو آهيان. بڪايل انسانن ۽ ٽياسن تي لٽڪيل لاش ڏسي، منهنجي قلم ان وقت به احتجاج ڪيو هو، جڏهن مخدوم بلاول کي گهاڻي ۾ پيڙايو ويو هو، جڏهن بينجامن کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويو هو، جڏهن ڀڳت سنگهه جي رتائين لاش کي راويءَ جي ڪناري جلايو ويو هو. منهنجي قلم جي نوڪ مان درياءَ ڇلي پوندا آهن، جنجون ڇتيون ڇوليون آمرن جا پيرا ڪٽنديون آهن، جنجي مڌرتا تڪل انسانن کي ننڊون ڪرائيندي آهي. مونکي منهنجي جنم ڀومي تان. رابيل جي گلن جئين مروڙي سرحد پار ڦٽو ڪيو ويو هو. منهنجو ڏوهه اهو هو جو سنڌ ۾ جنم وٺي، مون انسان جي برابريءَ جا گيت جوڙيا ها.

(٢٨)

هي منهنجو ديس آهي، جتان جا هاري سرنهن جا کيت کيڙي، ڌرتي - ماتا کي چنيون اوڍائيندا آهن. هي منهنجو ديس آهي، جتي اجهامندڙ ڏين جي لاٽن مان هر صبوح جو سج اڀري پوندو آهي.

(٢٩)

پرهہ- ڦٽيءَ پاسو ورائيندي مونکي ماءُ جي ٿڃ جي خوشبوءِ آئي هئي. اي دوست! ڇا اهو سچ ناهي تہ مائرون قبرن ۾ بہ ٻچن کي ياد ڪنديون آهن؟

(٣٠)

هائو، مان هڪ شاعر آهيان. پنهنجي سيني ۾ بانسريءَ وارا سل ڪڍي مون اوهان لاءِ سندر گيت سرجيا آهن. اوهان لاءِ مون هڪ سونهن جو سنسار بہ تخليق ڪيو آهي، جتي جيئڻ- رس جا وڻا پري، مان اوهانجو انتظار ڪري رهيو آهيان.

26- ترقي پسند ادب جا معيار (تحقيق) خاڪي جويو
27- واچوڙن ۾ لاٽ (ريڊيو ۽ ٽي وي ڊراما) قمر شهباز
28- ڪاڪ محل (ٽيليويزن ڊرامو) شمشير الحيدري
29- رند ۽ پنڌ (تاريخي ڪالم) پير علي محمد راشدي
30- چنڊ رهين ٿو دور (شاعري) قمر شهباز
31-سنڌ منهنجي امان (شاعري) تاجل بيوس
32- اٿون گهر (مزاحيه- طنزيه ڪهاڻيون) قمر شهباز
33- يوناني ڏند ڪٿائون (تحقيق) يوسف شاهين
34- رني ڪوٽ (تحقيق) بدر ابڙو
35- ڪاڇي مٿان ڪونج (نثري نظمون) تاجل بيوس
36- هنگلاج ۽ لاهوت (تحقيق) بدر ابڙو
37- ڪنڌيءَ ڪؤنر ترن (شاعري) تاجل بيوس

جلدي ايندڙ ڪتاب

* ڇچ پرائي (مزاحيه ڪهاڻيون/ڪالم) قمر شهباز
* سڳا جي ڪهاڻي-ڊاڪٽر سليمان شيخ جي زباني
* بڙ جهڙو ڪو گهاٽو ماڻهو (شيخ اياز جي فن ۽ فڪر تي) قمر شهباز
*سنڌ ۾ پٿر جو دور (تحقيق) بدر ابڙو
* جنگ آزادي (تاريخي ناول) م - ع - ڏيپلائي
* پل پوئٽ - پل جگنو (ناول) بيدل مسرور

سنگم پبليڪيشنس جا ڇپايل ڪتاب

1- آرزو (مختلف ليکڪن جون ڪهاڻيون) ختم

2- سپنا (مختلف ليکڪن جون ڪهاڻيون) ختم

3- اسڪاءِ ليب (مختلف ليکڪن جون ڪهاڻيون) ختم

4- سنگم (مختلف ليکڪن جون ڪهاڻيون) ختم

5-ماٽڪ موتي (مختلف ليکڪن جون ڪهاڻيون) ختم

6- صبح ازل (مختلف ليکڪن جون ڪهاڻيون) ختم

7- امنگ (مختلف ليکڪن جون ڪهاڻيون) ختم

8- تخليق جو موت (مختلف ليکڪن جون ڪهاڻيون) ختم

9- ليڊر جو عشق (مختلف ليکڪن جون ڪهاڻيون) ختم

10- آب حيات (مختلف ليکڪن جون ڪهاڻيون) ختم

11- مامتا (مختلف ليکڪن جون ڪهاڻيون) ختم

12- سالگره نمبر (مختلف ليکڪن جون ڪهاڻيون) ختم

13- من تنها منزل دور (مختلف ليکڪن جون ڪهاڻيون) ختم

14- سندري اتمچنداڻي جون شاهڪار ڪهاڻيون ختم

15- قمر شهباز جون چونڊ ڪهاڻيون ختم

16- سنڌو (انڊيا جي برک سنڌي ليکڪن جون ڪهاڻيون) 12.00

17- جڏهن پونءِ بٽي (شاعري) تاجل بيوس ختم

18- انبن جهليو ٻور (نثري نظمون) تاجل بيوس ختم

19- سنڌ جي سياسي جدوجهد ڊاڪٽر محمد لائق زرداري ختم

20- حمل فقير (چونڊ مضمون) ختم

21- ڪنواري ڌرتي (يادگيريون) ليکڪ : ليوند بريزنيف 20.00
سنڌيڪار : منير چانڊيو

22- هر دل اندر هڪ ڪربلا (ڪهاڻيون) خالد سنڌي ختم

23- سگهارو هماليه هيٺا ماٺهو (نيپال جو سفر نامو) ف-م لاشاري ختم

24- نه مرڻ جو ڏک (ڪهاڻيون) ايشور چندر 10.00

25- سرجيندڙ ساٿيهه جا (بيت) تاجل بيوس ختم

- تاجل بيوس خاص بيت ۽ وائيءَ جو شاعر آهي. سندس همعصر توڙي پو جي ڪنهن به شاعر تاجل جهڙو بيت ۽ وائي نه لکي آهي، ڏو اصل تاجل مصور شاعر آهي. (شيخ اياز)

- پيٺائيءَ ڪانپوءِ ڳوڻاٺو هگاء جيڪو تاجل بيوس جي شاعريءَ ۾ مليو، اُهو اياز ۾ به گهٽ آهي. (نارائڻ شيام)

- تاجل، پيٺائيءَ جو تسلسل (Extension) آهي، تخليق جي ڪم ڪي جتي پيٺائيءَ ڇڏيو هئو، تاجل اُتان شروعات ڪئي آهي. (هيرو ٺڪر)

- سنڌ جي سرهاڻ جو واس پکيڙيندڙ شيخ اياز وڻايو هو ۽ هاڻي تاجل اُن ۾ اضافو ڪيو آهي، محيوسين ته اصل ڪوي سنڌ جا ئي آهن. (امر سندري)

